يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَيَاْبَى اللّٰهُ اِلَّآ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۳۲﴾

۽ پنهنجن واتن سان الله جي نور کي وسائڻ گهرندا آهن ۽ الله پنهنجي نور کي پوري ڪرڻ کانسواءِ نہ رهندو جيتوڻيڪ ڪافر آرها ٿين. (توبہ: ۳۲)

# قرآن ڪيئن پڙهجي؟

ليکڪ

**امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي** رح

سنڌيڪار

**مولانا محمد انس راڄپر**

**حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ**

www.sindhsalamat.com



قرآن ڪيئن پڙهجي؟
ليکڪ: امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رح
سنڌيڪار: مولانا محمد انس راڄپر

نئون ڇاپو: 2016ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: امان الله پٽي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ: حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ، ڪراچي
قيمت: 50/_ رپيا

**اسٽاڪسٽ**

**سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400. فون:** 021_32737290
**سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر 5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ،** 03133692150-
**سنڌيڪا بوڪ شاپ،** 19 **بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون:** 03352233803- 03013431537
**العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون:** 0212214521، 0300_343115

ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي - ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گهر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور، سنڌ ڪتاب گهر نيم ڪي چاڙهي سکر - سلمان ڪتاب گهر پنوعاقل - پٽائي بوڪ هائوس حيدرآباد 03223011560 - سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد - شاهہ لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهہ - عثمانيہ لائبريري، چنيهاڻي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو - مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو - حافظ بوڪ اسٽور، خيرپور بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - مشعل ڪتاب گهر پڊعيدن 03063291657 - المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ - سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد - ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز - حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهہ - ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار - رفعت بوڪ هائوس، ماتلي - مرچو لال پريمي، بدين - مڪتبہ يوسفيہ، ميرپورخاص. فون. **0300-3319565**، عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمرڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو، وسيم ڪتاب گهر لکي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور. سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ **0346-8948535** ، مڪتبہ امام العصر گهوٽڪي، **03033695037**

خط و ڪتابت لاءِ
**حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ**
حاجي الله بخش وليج احسن آباد اسڪيم 33، ڪراچي-75340
موبائل: 03002707097
اي ميل: hikmatequran@gmail.com
ويب سائيٽ: www.hikmatequran.org

# فهرست

قرآن جي تعليم جو صحيح طريقو .............................................5
قرآن جي تعليم جي باري ۾ اصحابن سڳورن جا خيال ۽ عمل .................8
قرآن جي تعليم جي غلط طريقن جا نتيجا ۽ شاھ ولي الله صاحب جي راءِ ...12
قرآن ۾ تفسير جي باري ۾ شاھ اسماعيل شهيد جا ويچار.......................13
قرآن جي صحيح انداز واري تعليم کان محروم ٿيڻ جا نتيجا.....................14
توڪل ڇا هي؟..........................................................................15
صبر جي معنيٰ.........................................................................15
ڪجھ مثال...............................................................................16
قرآن جا قصا..........................................................................22
حضرت يوسف عليه السلام ...........................................................22
حضرت ابراهيم عليه السلام..........................................................24
حضرت موسيٰ عليه السلام ..........................................................26
قرآن جي تعليم کي ڪمزور ڪرڻ جي منظم سازش ..........................29
مذهب ـ مسلمانن جي ترقيءَ جو بنياد ..........................................31

www.sindhsalamat.com

# قرآن ڪيئن پڙهجي؟

## قرآن جي تعليم جو صحيح طريقو

هن ڪان پهريائين جو اسين هن ڳالهه تي غور ويچار ڪيون ته، قوم جو هڪ حصو قرآن جي تعليم ڪي، ڪهڙن غلط طريقن سان استعمال ڪري ان جي فائدن ڪان محروم ٿيو آهي، بهتر ٿيندو ته اسين هي معلوم ڪري وٺون ته قرآن جي تعليم مان فائدي حاصل ڪرڻ جو صحيح طريقو ڇا آهي؟ ان ڪان پوءِ فيصلي ڪرڻ ۾ اسان ڪي آساني ٿيندي. توهان ڏٺو هوندو ته جڏهن ڪو طبيب ڪو نسخو لکندو آهي ته استعمال جو طريقو به ضرور ٻڌائيندو آهي، اهڙيءَ طرح ضروري آهي ته قرآن جي تعليم جو صحيح طريقو به اسان ڪي قرآن ۾ ملڻ گهرجي. قرآن مجيد ۾ آهي ته:

وَ رَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا (المزمل :۴)

ترجمو: ”قرآن ڪي ڏاري ڏاري پڙهو.“

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ (البقره — ۱۲۱)

ترجمو: ”جن ماڻهن ڪي اسان ڪتاب ڏنو آهي، اهي ان ڪي جيئن گهربو آهي ايئن پڙهن ٿا، اهي ئي ان تي ايمان رکن ٿا. جيڪي ماڻهو ان جو انڪار ڪندا، انهن ڪي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو.“

فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ (الاعراف: ۱۷۶)

ترجمو: ”انهن ڪي قصا ٻڌايو ته جيئن هو سوچ ويچار ڪن.“

كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ (يونس: ۲۴)

ترجمو: ”غور ڪندڙن جي لاءِ اسان اهڙيءَ طرح تفصيل سان آيتون بيان ڪندا آهيون.“

وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّنَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا (الاسرآء: ۱۲۵)

ترجمو: ”قرآن ڪي اسان ٿورو ٿورو ڪري هن مصلحت ڪارڻ لاٿو ته جيئن تون آهستي آهستي مهلت سان انهن ماڻهن ڪي پڙهي ٻڌائين ۽ انهيءَ مصلحت جي ڪري اسان ان ڪي هوريان هوريان لاٿو.“



لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ (الانبياءَ — ۱۰)

ترجمو: ”انسانو! اسان توهان جي طرف هي قرآن، اهڙو ڪتاب لاٿو آهي، جنهن ۾ توهان جو ذڪر آهي، ڇا توهان سمجهو نٿا؟“

وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّقْضٰٓى اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ (طه: ۱۱۴)

ترجمو: ”اي پيغمبر توڏانهن جيڪا وحي ڪئي وڃي ٿي، ان وحي جي پوري ٿيڻ ڪان پهريائين، قرآن ڪي پڙهڻ ۾ جلدي نه ڪندو ڪر.“

وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ۚ﴿۲۷﴾ (الزمر: ۲۷)

ترجمو: ”۽ اسان ماڻهن جي سمجهائڻ جي لاءِ هن قرآن ۾ هر طرح جا مثال بيان ڪيا آهن ته جيئن هي ماڻهو نصيحت حاصل ڪن.“

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿۱۷﴾ (القمر — ۱۷)

ترجمو: ”اسان قرآن ماڻهن جي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان ڪيو آهي، آهي ڪو جيڪو نصيحت حاصل ڪري؟“

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ (النساءِ — ۸۲)

ترجمو: ”ڇا انهن اسان جي فرمان قرآن مجيد ۾ غور ناهي ڪيو.“

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۚۛ كَذٰلِكَ لِنُثَبِّتَ بِهٖ فُؤَادَكَ وَرَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا (الفرقان: ۳۲)

ترجمو: ”ڪافر چون ٿا ته هن پيغمبر تي قرآن سڄي جو سڄو هڪدم ڇو نه نازل ٿي ويو، اسين چئون ٿا ته جيئن هوريان هوريان نازل ٿيو آهي، ايئن ئي لهڻ کپي ها. اي پيغمبر! ان ۾ مصلحت آهي ته اهڙيءَ ريت هوريان هوريان قرآن نازل ڪرڻ سان اسان توهان جي دل ڪي تسڪين (سمجهڻ جي ڪري اطمينان قلب) ڏيندا رهون، ان ڪري ان ڪي آهستي آهستي نازل ڪيو آهي.“

وَالَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّعُمْيَانًا ﴿۷۳﴾ (الفرقان: ۷۳)

ترجمو: ”مؤمن اهي آهن جو جڏهن انهن ڪي، انهن جي پالڻهار جون آيتون ٻڌائي نصيحت ڪئي وڃي ٿي ته انڌا ۽ گونگا ٿي ان تي اعتبار نٿا ڪن.“

كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۲۹﴾ (ص: ۲۹)

ترجمو: ”اي پيغمبر! هي قرآن وڏي برڪت وارو ڪتاب آهي، جيڪو اسان توڏانهن نازل ڪيو آهي ته جيئن ماڻهو ان جي آيتن تي ويچارين ۽ جيڪي عقلمند آهن، اهي ان جي مطلب مان نصيحت حاصل ڪن.“

www.sindhsalamat.com

اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۳﴾ (الزخرف: ٣)

ترجمو: ”اسان هن کي صاف ۽ سليس عربي ٻولي ۾ قرآن بڻايو آهي تہ جيئن توهان ان کي سولائيءَ سان سمجهي سگهو.“

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۵۸﴾ (الدخان: ٥١)

ترجمو: اسان قرآن کي تنهنجي زبان ۾ سولو بڻايو آهي تہ جيئن نصيحت حاصل ڪن.

فَاسْتَمْسِكْ بِالَّذِيْٓ اُوْحِيَ اِلَيْكَ ۚ اِنَّكَ عَلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۴۳﴾ وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَلِقَوْمِكَ ۚ وَ

سَوْفَ تُسْـَٔلُوْنَ ﴿۴۴﴾ (الزخرف :٤٣ تا ٤٤)

ترجمو: ”اي پيغمبر! جيڪو قرآن توڏانهن وحي ڪيو ويو آهي، ان کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو رهہ، ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ تون سڌي رستي تي آهين ۽ هي قرآن تنهنجي ۽ تنهنجي قوم لاءِ نصيحت آهي. اڳتي هلي توهان سڀني کان ان بابت پڇاڻو ٿيندو.“

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰي قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿۲۴﴾ (محمد :٢٤)

ترجمو: ”ڇا هي ماڻهو قرآن جي مطلبن کي نٿا سمجهن ۽ سوچين؟ يا انهن جي دلين تي تالا لڳل آهن ڇا؟“

يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَيَتُوْبَ عَلَيْكُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۶﴾ (النساءِ: ٢٦)

ترجمو: ”الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ جيڪي توهان کان پهريائين گذري چڪا آهن، انهن جي (چڱن) طريقن کي توهان جي لاءِ کولي بيان ڪري ۽ توهان کي انهن جي طريقن تي هلائيءِ توهان تي مهر جي نظر رکي ۽ الله تعاليٰ عليم ۽ حڪيم آهي.“

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (الاحزاب: ٢١)

ترجمو: ”اي مسلمانو! توهان کي پيروي ڪرڻ لاءِ رسول الله ﷺ جن جو هڪ عمدو نمونو موجود آهي.“

قرآن شريف ۾ جيڪو ان کي پڙهڻ ۽ ان مان فائدي وٺڻ جو طريقو آهي، اهو صاف نموني مٿين آيتن ۾ آيل آهي، ان مان هي ٽي ڳالهيون پڌريون ٿي سامهون اچن ٿيون.

١ـ قرآن شريف نهايت سوچ ويچار سان پڙهو ۽ سمجهو ۽ پوريءَ طرح ان ۾ فڪر ڪيو. تدبر ڪيو.

٢ـ جيڪو ڪجهہ پڙهو ان جي مطابق صحيح عمل ڪيو. ڇاڪاڻ تہ توهان جي پيدائش جو مقصد، عمل ڪرڻ آهي.



الَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۭ (الملڪ:٢)

ترجمو: ”خدا جي ذات جنهن موت ۽ حياتيءَ کي پيدا ڪيو آهي، ان لاءِ تہ جيئن توهان کي آزمائي تہ توهان مان ڪير سٺا عمل ٿو ڪري.“

يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ (النساءِ:٢٦)

ترجمو: ”الله تعالي چاهي ٿو تہ جيڪي توهان کان پهريائين گذري چڪا آهن، انهن جا طريقا کولي کولي توهان جي سامهون بيان ڪري، ۽ توهان کي انهن جي طريقي تي هلائي.“

٣ـ قرآن شريف جي تعليم تي عمل ڪرڻ ۾ رسول الله ﷺ جن کي نموني جي طور تي سامهون رکو. ڪنهن بہ تعليم تي عمل ڪرڻ ۾ سولائي تڏهن ٿيندي، جڏهن ان تي عمل جو مجسم نمونو پيش نظر هجي، تہ جيئن مختلف ماڻهو عمل جي مختلف هٿرادو طريقا اختيار نہ ڪن ۽ افراط ۽ تفريط (زيادتي ۽ گهٽتائي) کان محفوظ رهن. خود قرآن ۾ قرآن جي تعليم جو طريقو بلڪل صاف نموني ٻڌايو ويو آهي ۽ حضور ﷺ جن ۽ صحابي سڳورا انهيءَ ئي طريقي تي هليا ۽ پوريءَ طرح ڪامياب ٿيا.

حضور ﷺ جن قرآن مجيد تي بي انتها ويچار فرمائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ صرف هڪ آيت کي وري وري تلاوت فرمائيندا هئا، ايتري تائين جو پوري رات گذري ويندي هئي ۽ صبح ٿي ويندو هو. امام ابن القيم پنهنجي ڪتاب ”زاد المعاد“ جي پهرئين جلد جي صفحي ٩٠ تي لکيو آهي تہ:

"وَكَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يُرَتِّلُ السُّوْرَةَ حَتّٰى تَكُوْنَ اَطْوَلَ مِنْ اَطْوَلَ مِنْهَا وَقَامَ بِاٰيَةٍ حَتّٰى الصَّبَاحِ مِنْ آيَاتِهَا

ترجمو: ”رسول الله ﷺ جن سورت کي هوريان هوريان پڙهندا هيا، ايتري حدتائين جو هڪ معمولي سورت وڏي کان وڏي سورت ٿي ويندي هئي ۽ ڪن موقعن تي صرف هڪ آيت تي بيهي رهندا هئا ۽ ان کي بار بار صبح تائين پڙهندا رهندا هئا.“

## قرآن جي تعليم جي باري ۾ اصحابن سڳورن جا خيال ۽ عمل

حضرت ابن مسعود ۽ ابن عباس فرمائن ٿا:

ان الترتيل والتدبر مع قلة القرآن افضل من سرعة القرآن مع كثرتها- بان المقصود من القرآن فهمه وتدبره والتفقه فيه والعمل به، وتلاوته وحفظه وسيلة الیٰ امعانيه كما قال بعض السلف، نزل القرآن ليعمل به، فاتخذوا تلاوته عملاً ولهذا كان اهل القرآن هم العالمون به والعاملون بما فيه- وان لم يحفظون عن ظهرقلب، واما من حفظه ولم يفهمه ولم يعمل به فليس من اهله وان اقام حروفه اقامة السهم واما مجرد التلاوت من غيرفهم ولا تدبرينفعها

www.sindhsalamat.com

البر والفاجر والمؤمن والمنافق كما قال النبى ﷺ مثل المنافق الذى يقرءَ كمثل الريحانة ريحها طيب وطعمها مر۔

ترجمو: ”آهستي پڙهڻ ۽ غور ويچار سان پڙهڻ، جنهن ۾ قرآن جيتوڻيڪ ٿورو ئي پڙهجي، تڪڙي ۽ گهڻي پڙهڻ کان وڌيڪ بهتر آهي. چاڪاڻ ته پڙهڻ مان مقصد سمجهڻ ۽ سوچڻ آهي، ته جيئن ان تي عمل ٿي سگهي. پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ، معنائن ۽ مقصد تائين پهچڻ جو وسيلو ۽ ذريعو آهي. تڏهن ته ڪن بزرگن به ايئن ئي چيو آهي ته قرآن شريف عمل ڪرڻ لاءِ نازل ٿيو آهي، پر ماڻهن وري خالي تلاوت کي، مستقل عمل بڻائي ڇڏيو آهي. گذريل طبقن ۾ اهل قرآن انهن کي سمجهيو ويندو هو جيڪي قرآن جا عالم به هيا ته عمل ڪندڙ به هيا، جيتوڻيڪ انهن کي زباني حفظ نه هوندو هيو. پر جنهن قرآن کي ياد ڪيو، ان جو مطلب نه سمجهيو ۽ ان تي عمل نه ڪيو ته ان کي اهل قرآن نٿو چئي سگهجي. پلي ڪٽي هن ان جي لفظن کي تير جيان درست ڪيو هجي. خالي قرآن جي تلاوت جيڪا سوچ ويچار کان خالي هجي، اها ته هر ڪو ڪري سگهي ٿو. مؤمن، منافق، فاسق، فاجر جيڪو به هجي ان ۾ ڪا به تخصيص ڪانهي. نبي عيله السلام جن جو فرمان آهي ته منافق جو قرآن پڙهڻ ان عطر جي مثال آهي، جنهن جي خوشبوءِ ته سٺي آهي پر لذت ۾ ڪڙو آهي.“

وقال شعبة حدثنا ابوحمزة قال قلت لابن عباس انى رجل سريع القراة وربما قرئت القرآن فى ليلة مرة او مرتين قال ابن عباس لان اقرا سورة واحدة عجب الى من افعل ذالك الذى تفعل فان كنت فاعلاً لابد فاقرا اقراة تسمع اذنيك ويعيه قلبك۔

ترجمو: ”شعبه جو چوڻ اهي ته مون کي ابو حمزي ٻڌايو ته مون ابن عباس کان پڇيو ته مان تيز پڙهندو آهيان، ڪڏهن ڪڏهن هڪ رات ۾ هڪ ٻه ختم ڪدي ويندو آهيان. ابن عباس چيو ته مون کي ايئن قرآن پڙهڻ کان هڪ سورة پڙهڻ بهتر ٿي معلوم ٿئي. جيڪڏهن توهان ايئن هرويرو پڙهڻ گهرو ٿا، تڏهن به ايئن پڙهو جو توهان جا ڪن ٻڌي سگهن ۽ دل سمجهي سگهي.“

قال ابن مسعود، قفوا عند عجائبه وحركوا به القلوب ولايكن هم احدكم آخر السورة

ترجمو: ”ابن مسعود فرمايو ته قرآن جي عجائبات تي (غور فڪر ڪرڻ لاءِ) بيهو ۽ انهيءَ سان دلين ۾ رقت (نرمي) پيدا ڪيو ۽ توهان جي اها ڪوشش نه هجي ته جيڪ چڪان ڪري سورت جي پڇاڙيءَ تي پهچو.“

وقال عبد الرحمان ابن ابى ليلا دخلت على امراة انا اقرا سورة هود فقالت يا عبد الرحمان اهكذا تقراءَ سورة هود والله انا فيها منذ ستة اشهر وما فرغت من قرائتها۔



ترجمو: ”عبدالرحمان بن ابي ليلا چيو ته مان هڪ عورت وٽ ويس ۽ سورت هود پڙهندو ٿي ويس. تنهن تي هن چيو ته اي عبدالرحمان! تون سورة هود ايئن ٿو پڙهين! خدا جو قسم! مان ڇهن مهينن کان سورت هود پڙهندي ٿي اچان، اجان فارغ نه ٿي آهيان.“

صحابي سڳورا هڪ پاسي ته قرآن مجيد تي ايتري قدر سوچيندا ويچاريندا هئا ۽ ٻئي پاسي ان تي پورو پورو عمل به ڪندا هيا. قرآن شريف ايئن پڙهندا هيا جو ڏهه آيتون پڙهندا هيا ۽ انهن تي عمل ڪندا هئا، وري ڏهه آيتون پڙهندا هئا ۽ انهن تي عمل ڪندا هئا. رڳو پڙهڻ ۽ رٽڻ کي مقصد نه بڻايو هيائون. تفسير ابن ڪثير جلد پهريون صفحو ۵ ۾ آهي:

قال الاعمش عن ابى وائل عن ابن مسعود قال كان الرجل منا اذا تعلم عشر آيت لم يجاوزهن حتى يعرف معانيهن والعمل بهن قال ابو عبدالرحمٰن السلمى حدثنا الذين كانوا يقرؤننا انهم كانو يستقرؤن من النبى ﷺ وكانوا اذا تعلموا عشر آيات لم يجاوزوا منها حتىٰ يعلموا لما فيها من العمل فتعلمنا القرآن والعمل جميعا۔

ترجمو: ”اعمش، ابي وائل کان نقل ڪيو آهي ۽ ابن مسعود کان روايت ڪئي آهي ته جڏهن اسان مان ڪو شخص ڏهه آيتون سکندو هيو ته ان کان اڳتي ايستائين نه پڙهندو هو جيستائين، انهن جي معنيٰ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ نه سکندو هيو. ابو عبدالرحمان سلمي فرمايو ته اسان سان انهن ماڻهن ڳالهه ڪئي جن وٽ اسين پڙهندا هياسين، ته حضور جن کين پڙهائيندا هيا. جڏهن ڏهه آيتون پڙهندا هيا ته ان کان اڳتي ايستائين نه وڌندا هئا، جيستائين ڪو وجي انهن تي عمل ڪن، تنهن ڪري اسان قرآن ۽ عمل ٻئي گڏ سکيا هياسين.“

ان سان گڏوگڏ صحابي سڳورا هن تي به ويچاريندا هيا ته قرآن جي تعليم کان پهريائين انهن جي ڪهڙي حالت هئي ۽ هن تعليم جي اثر سان، انهن جي حالت ڪيڏي اتم ٿي آهي؟ پنهنجي حالتن جي تڪ تور ڪندا هيا ۽ قرآن جي تعليم سان جيڪي انهن تي اثر ٿيا هيا ان جو پورو اندازو ڪندا هيا. سيرة ابن هشام جلد اول ص ١١٦ ۾ لکيل آهي ته جڏهن حبش جي بادشاهه نجاشيءَ حضرت جعفر بن ابي طالب کي دربار ۾ گهرايو ۽ ان کان اسلامي تعليمات جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪيائين ۽ چيائين ته توهان پنهنجي مذهب کي ڇڏي اسلام ڇو قبول ڪيو آهي؟ ته ان ڪيس چيو:

ترجمو: ”بادشاهه سلامت! اسين جاهل هياسين، بتن جي پوڄا ڪندا هياسين، ڍونڍ (مردار) کائيندا هياسين ۽ بي حيائيءَ جا ڪم ڪندا هياسين، رشتيداريون ٽوڙيندا هياسين، پاڙيسرين سان برايون ڪندا هياسين ۽ اسان مان ڏاڍو هيڻي کي پيو کائيندو هيو. اسان جي اها حالت هئي، تان جو الله تعاليٰ اسان ڏانهن رسول موڪليو.

جنهن جي ڪٽنب، قبيلي، امانت ۽ شرافت کان اسين خوب ڄاڻو هياسين. ان اسان کي هيڪڙائيءَ جو سڏ ڏنو ته جيئن اسين هڪڙي الله جي عبادت ڪيون ۽ جن بتن ۽ پٿرن جي اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هيا، انهن کي ڇڏي ڏيون. ان اسان کي سچ ڳالهائڻ، امانتداري ڪرڻ، رشتي ڳنڍڻ، پاڙي وارن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ ۽ محرمات ۽ خون ريزيءَ کان بچڻ جو حڪم ڪيو ۽ ڪوڙين ڳالهين ڪرڻ ۽ يتيمن جي مال کائڻ ۽ پاڪ دامن عورتن تي تهمت هڻڻ کان روڪيو ۽ هي حڪم ڏنائين ته هڪ خدا جي بندگي ڪيو، ان سان ڪنهن کي شريڪ نه ناهيو ۽ اسان کي نماز، زڪوات، روزي جو حڪم ڏنو.“ حضرت جعفر بن ابي طالب سڀ اسلامي ڳالهيون هڪ هڪ ڪري نجاشيءَ کي ٻڌايون ۽ ان کان پوءِ چيائين ته ”اسان ان نبيءَ جي تصديق ڪئي ۽ ان تي ايمان آندوسين ۽ ان جيڪو ڪجهه خدا وٽان آندو، ان سموري کي مڃيوسين. ان ڪري اسين صرف هڪ خدا جي اطاعت ڪريون ٿا ۽ ڪنهن کي به ان جو ثاني (شريڪ) نٿا ٺهرايون. جيڪا شيءِ ان حرام ڪئي آهي، ان کي حرام سمجهون ٿا. جنهن تي اسان جي قوم اسان جي دشمن ٿي پئي آهي ۽ اسان کي ڏکايو اٿائون ۽ دين ڪارڻ تڪليفون ڏنيون اٿائون ته اسين خدا جي بندگي ۽ اطاعت ڇڏي بتن جي عبادت ڪرڻ واري پوئين قدم ڏي موٽون.“ اهو هو قرآن جي هدايت جو اثر.

قرآن سکڻ جو طريقو خود قرآن شريف ۽ حضور ﷺ ۽ اصحاب سڳورن جي عمل مان واضح ۽ پڌرو آهي. اڳتي توهان پاڻ فيصلو ڪيو ته اسين اهو تعليم جو طريقو استعمال ڪري ڪيترو فائدو ٿا وٺون؟ پوءِ جيڪڏهن نتيجا اهي پيدا نه ٿا ٿين ته ان ۾ ڪهڙي تعجب جي ڳالهه آهي! جيڪڏهن توهان اهي نتيجا گهرو ٿا ته انهيءَ طريقي مطابق قرآن مان فائدو وٺو. اسان جي ڪاميابي ان تي منحصر آهي. سچ چيو آهي امام مالڪ ته ”لایصلح آخر هذه الامة الا بما صلح اولها“ هن امت جي آخري حصي جي اصلاح فقط ان شيءِ سان ٿيندي، جنهن سان هن جي پهرئين حصي جي اصلاح ٿي هئي. هاڻي اسان کي هن ڳالهه تي سوچڻو آهي ته ان تعليم جي صحيح طريقي کي ڇڏڻ سان، قرآن جي اصلي تعليم ۾ ڪهڙا نقص پيدا ٿيا آهن ته جيئن ان جي تلافيءَ لاءِ خاص ڪوششون وٺجن. ان سان هي به پڌرو ٿيندو ته تعليم جي غلط طريقي جي ڪري ئي اسين قران جي صحيح مطلبن کان ڪيترو پري ٿي ويا آهيون.

قوم جو هڪ حصو ته قرآن کي پڙهي ئي ڪونه، اهو هن تعليم کان پري آهي، تنهن ڪري ان طبقي جي باري ۾ ڪنهن بحث جي ضرورت ناهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ٻيو طبقو جيڪو پاڻ کي قرآن ڏانهن متوجه ٿو سمجهي، اهو به قرآن مان صحيح طريقي سان فائدو نه وٺڻ جي ڪري، ان جي صحيح مطلبن سمجهڻ کان پري ٿي چڪو آهي ۽ ويتر پري ٿيندو ٿو وڃي. ان طبقي مان به هڪڙا ته قرآن کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نه ٿا ڪن، بلڪ لفظن دهرائڻ کي سڀ ڪجهه سمجهندا آهن. (اڄڪلهه ته عالم سڳورا به دئور ڪرڻ کي ڪافي سمجهندا آهن) اسان جي گهڻن مڪتبن ۾ اهوئي رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.



ان طبقي جو ٻيو حصو جيتوڻيڪ قرآن جي مطلب سمجهڻ ڏانهن ڌيان ڏئي ٿو پر افسوس آهي جو اهو به ان جي بحثن ۾ ئي الجهي رهجي ويو آهي ۽ قرآن شريف تي غور فڪر ڪرڻ ڏانهن نه ته ڌيان ٿو ڏئي ۽ نه ڪو ان کي ان جو وقت ٿو ملي. امام ولي الله دهلوي صاحب جيڪو علماءِ هند جو امام آهي پنهنجي اهم ڪتاب ”تفهيمات الاهيه“ ۾ ان طبقي ڏانهن اشارو فرمايو آهي.

## قرآن جي تعليم جي غلط طريقن جا نتيجا ۽ شاهه ولي الله صاحب جي راءِ

اقول لطلبة العلم ايها السفهاء والمسمون انفسكم بالعلماء اشتغلتم بالعلوم اليونانيين وبالصرف والنحو وظننتم ان هذا هوالعلم۔

ترجمو: ”مان طالب علمن کي چوان ٿو ته اي بيوقوفو! پنهنجو پاڻ کي عالم ٿا سڏايو. توهان يونانين جي علم ۾ مشغول ٿي ويا آهيو، صرف ۽ نحو ۾ ڦاسي ويا آهيو ۽ توهان سمجهيو ته اهو حقيقي علم آهي.“

ان کان پوءِ هڪ هنڌ فرمائن ٿا ته قرآن مجيد کي سکڻ لاءِ جن شروعاتي ڳالهين جي ضرورت آهي انهن کي ضرورت آهر سکڻ کپي، انهن کي مستقل درجو نه ڏنو وڃي. ”ان لاتشتغلوا بالعلوم الألية الابانها آلة لابانها امور مستقلة“ (انهن علمن کي آلو ۽ اوزار سمجهي حاصل ڪيو، مستقل علم سمجهي حاصل نه ڪيو.) هن طبقي جا ماڻهو گهڻو ڪري پنهنجو سڄو وقت نحو، منطق، ڪلام، معاني ۽ بديع جهڙن فنن جي پوري ڪرڻ ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن، ان ڪري اصل قرآن ڏانهن هنن کي اک کڻي نهارڻ جو موقعو به نه ملندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ٿورو وقت قرآن شريف کي ڏيندا به آهن ته اهو به مفسرن جي مختلف خيالن معلوم ڪرڻ ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن، اها صورتحال اسان جي گهڻن عربي مدرسن ۾ ڏٺي ويندي آهي.

انتهائي افسوس جهڙي ڳالهه آهي، جو اڄڪلهه خالص قرآن جي تعليم ڪٿي به نه ٿي ڏني وڃي. جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا يا چون ٿا ته قرآن جي تعليم ٿي رهي آهي، اهي غلط آهن، حقيقت ايئن ناهي، حقيقت ۾ اها قرآن جي تعليم نه پر تفسير جي تعليم هوندي آهي. اصل ۾ قرآن جي تعليم ۽ تفسير جي تعليم ڌار ڌار شيون آهن، هڪ ناهن. قرآن خود هڪ مستقل ڪتاب آهي ۽ صاف ۽ سليس عربيءَ ۾ آهي. الله تعاليٰ قرآن ۾ قرآن جي باري ۾ فرمائي ٿو:

فَاِنَّمَا يَسَّرۡنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمۡ يَتَذَكَّرُوۡنَ ﴿۵۸﴾ (الدخان:۵۸)

ترجمو: ”اسان هن کي تنهنجي ٻوليءَ ۾ سولو ڪيو آهي ته جيئن هو نصيحت حاصل ڪن.“

وَلَقَدۡ يَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿۴۰﴾ (القمر: ۴۰)

ترجمو: ”اسان قرآن کي ماڻهن جي سمجهڻ لاءِ سولو ڪيو آهي، ڇا آهي ڪو پرائڻ وارو؟“

www.sindhsalamat.com

قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ ذِيْ عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ (الزمر:٢٨)

ترجمو: ”هي قرآن آسان عربي ٻولي ۾ آهي، ان ۾ ڪوبہ مونجهارو ڪونهي تہ جيئن هو عدل جو رستو اختيار ڪري سگهن.“

## قرآن ۽ تفسير جي باري ۾ شاهہ اسماعيل شهيد جا ويچار

جيڪي ماڻهو عربي ڄاڻن ٿا، اهي قرآن سمجهي سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن گڏوگڏ حضور جن جو عملي نمونو سامهون رکن، جنهن جو خود قرآن ۾ حڪم آهي، جيڪو صحيح حديث ۾ محفوظ آهي، تہ انهن کي ڪنهن ٻي شيءِ جي ضرورت نہ پوندي ۽ اهي تمام سولي ۽ صحيح نموني سان قرآن کي سمجهي سگهن ٿا ۽ ان جي مطابق عمل ڪري سگهن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو عربي نٿا ڄاڻن انهن لاءِ قرآن پاڪ جا بهترين ترجما موجود آهن، اهي انهن جي ذريعي سمجهي سگهن ٿا. پر ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي جو ماڻهو سمجهڻ لڳا آهن تہ اسين قرآن کي سمجهي نہ ٿا سگهون، ان جي سمجهڻ لاءِ تمام گهڻن علمن ۽ فنن سکڻ جي ضرورت آهي، وڏي عالم ٿيڻ جي ضرورت آهي. تنهن تي شاهہ اسماعيل شهيد پنهنجي ڪتاب تقويت الايمان صفحو نمبر ٣٠ ۾ انهيءَ خيال ڏانهن اشارو ڪيو آهي:

”هي جو هن زماني ۾ ماڻهو دين جي معاملي ۾ ڏار ڏار رستن تي هلن ٿا، ڪي اڳيون رسمون قبول ڪن ٿا، تہ ڪي بزرگن جي قصن ڏي ٿا ڏسن. ڪي مولوين جي ڳالهين کي سند ٿا مڃين، جيڪي انهن پنهنجي ذهن جي تيزيءَ سان ٺاهيون آهن ۽ ماڻهن ۾ هي مشهور آهي تہ الله ۽ ان جي رسول جي ڳالهہ سمجهڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، ان لاءِ وڏو علم گهرجي، اسان کي ڪٿي آهي اهڙي طاقت جو الله جو ڪلام سمجهون؟ ۽ انهيءَ رستي تي هلڻ وڏن بزرگن جو ڪم آهي، اسان ڪٿي آهيون اهڙا جو ان مطابق عمل ڪري سگهون؟ اسان جي لاءِ اسان جي هيءَ حالت ئي بهتر آهي. سو اهي سڀ ڳالهيون بلڪل غلط آهن، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو آهي تہ ”قرآن ۾ تمام صاف ۽ سوليون ڳالهيون آهن، انهن کي سمجهڻ ڏکيو ناهي.“ ۽ الله ۽ ان جي رسول جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ ڪو وڏو علم نہ گهرجي، ڇو تہ رسول ﷺ تہ اڻ ڄاڻن کي رستو ڏيکارڻ، اڻپڙهيلن کي سمجهائڻ ۽ بي علمن کي علم سيکارڻ آيا هئا. الله تعاليٰ سورت جمعہ ۾ فرمايو: ”هُوَ الَّذِىْ بَعَثَ فِى الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ ۚ وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ“ (الجمعہ:٢)

ترجمو: ”خدا اهو تہ آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن منجهان هڪڙو رسول موڪليو، اهو انهن کي الله جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو انهن جي ذهنن کي سڌاري ٿو انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت سمجهائي ٿو نہ تہ هو پڌري گمراهيءَ ۾ هيا.“



سو جيڪڏهن ڪو هيئن چوڻ لڳي تہ پيغمبر جي ڳالهہ عالم کان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٿو سمجهي سگهي ۽ انهن جي رستي تي بزرگن کان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٿو هلي سگهي تہ ان هن آيت جو انڪار ڪيو. ان جو مثال ايئن آهي جيئن ڪو وڏو حڪيم هجي ۽ هڪڙو سخت بيمار هجي ۽ ڪو شخص ان بيمار کي چئي تہ فلاڻي حڪيم ڏي وڃ ۽ ان کان علاج ڪراءِ ۽ بيمار چوي تہ اهو تہ وڏن وڏن صحتمند ماڻهن جو ڪم آهي، مون کان اهو ڪيئن ٿي سگهندو، مان تہ سخت بيمار آهيان! تہ ان بيمار کي بيوقوف چئبو ۽ اهو ڄڻ حڪيم جي حڪمت جو انڪار ٿو ڪري، ڇاڪاڻ تہ حڪيم تہ بيمارين جي علاج لاءِ هوندو آهي ۽ جيڪو چڱن ڀلن جو علاج ڪري ۽ انهن کي ان جو علاج فائدو ڏئي ۽ بيمارن کي فائدو نہ ٿئي تہ ان کي حڪيم ڇا جو چئبو؟

افسوس آهي جو اسين هي سمجهون ٿا تہ قرآن تہ اسين ڪونہ سمجهي سگهنداسين، باقي مختلف ماڻهن جن پنهنجي پنهنجي خيال سان قرآن جا تفسير ڪيا آهن، اهي اسين سمجهي سگهون ٿا! ۽ افسوس آهي جو انهن تفسيرن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ ۽ هي خيال ڪيو ويندو آهي تہ هنن قرآن جي تعليم کي سمجهي ورتو آهي، جيڪڏهن اهي شرح ۽ تفسير اهڙا هجن ها جو رڳو قرآن شريف جو صحيح مطلب ادا ڪن ها، تڏهن بہ ان ۾ ڪو نقصان ڪونہ هو پر غضب تہ هي آهي، جو مختلف ماڻهن مختلف زمانن جي ماحول کان متاثر ٿي جيڪي قسمن قسمن جون ڳالهيون پنهنجي شرحن ۽ تفسيرن ۾ شامل ڪيون آهن، انهن ۾ ۽ قرآن ۾ ڪا بہ نسبت ڪانهي، ماڻهن انهن ڳالهين کي قرآن جي تعليم سمجهي ورتو آهي ۽ حقيقت ۾ اهي قرآن جي تعليم سان ڪوبہ واسطو نہ ٿيون رکن.“

## قرآن جي صحيح انداز واري تعليم کان محروم ٿيڻ جا نتيجا

هي پڌرو ٿي ويو آهي تہ قرآن جي اصل متن تي غور ويچار ڪرڻ ڪا ٻي شيءِ آهي. پر قرآن جي اصل کي ڇڏي ڏيڻ ۽ ان کي صحيح طريقي سان نہ پڙهڻ جي سببان اسين قرآن جي صحيح تعليم کان محروم ٿي ويا آهيون ۽ جيڪو ڪجهہ اسان جي سامهون آهي اهو ان جوئي نتيجو آهي. قرآن سکڻ جا جيڪي طريقا، خود قرآن ۾ لکيل آهن، انهن کي ڇڏڻ ڪري اسين اعليٰ درجي جي تعليم کان محروم ٿي ويا آهيون. قرآن جي تعليم عمدا نتيجا ڇو نہ ٿي پيدا ڪري، اهو هيٺين مثالن سان واضح ٿي ويندو. جڏهن کان اسين قرآن کان پري ٿيا آهيون، تڏهن  کان برابر اسين زوال طرف پيا وڃون. اصول اهو آهي تہ جهڙي قوم هوندي آهي اهڙا ان جا اخلاق هوندا آهن. جيڪڏهن قوم زنده هوندي آهي تہ ان جي فردن ۾ جرئت، همت، ثابت قدمي، ترقيءَ جي آرزو، قرباني ۽ ٻيا اهڙي قسم جا عمدا اخلاق هوندا آهن. ۽ جيڪڏهن قوم مرده هوندي آهي تہ ان جا فرد بي همت، سست، ڊڄڻا، هٿ تي هٿ رکي ويهي رهڻ وارا هوندا آهن. پوئتي پيل قومن تي قومي زوال جو اهڙو برو اثر پوندو آهي، جو انهن وٽ اعليٰ ۽ اتم لفظن جو مفهوم بہ بگڙي خراب ٿي ويندو آهي.

## توڪل ڇا آهي؟

اڄڪلهه اسان وٽ توڪل جي معنيٰ آهي هٿ تي هٿ رکي ويهي رهڻ ۽ ڪو به ڪم نه ڪرڻ، اها آهي توڪل. ان جي لاءِ اهڙي قسم جا قصا به مشهور آهن ته ڪٿي همراهه ڀوڙي نموني توڪل ڪئي، لٽ ڏئي ويهي رهيو خدا ڪي ڇپائين مان پاڻ ڪجهه به ڪائيندس پيئندس ڪونه. جيستائين منهنجي وات ۾ ماني پاڻ اچي نه پوي. هو وينو رهيو وينو رهيو گهڻي دير ڪان پوءِ هڪ دسترخوان اچي ان جي سامهون پيو هن سمجهيو ته بس هاڻي ڪم ٿي ويو ۽ پنهنجي هٿ سان کائڻ شروع ڪيائين. ايتري ۾ آواز آيس ته تو جلدي ڪئي آهي، جيڪڏهن تون ٿوري دير انتظار ڪرين ها ته ماني پاڻ تنهنجي وات ۾ اچي پوي ها ۽ قرآن ۾ ڇاڪاڻ ته توڪل ڪي ساراهيو ويو آهي. تنهن ڪري هي به وري انهن ڪمن ڪي ساراهيو ويندو آهي. ته فلاڻو ته سائين ڪو ڪم ئي ڪو نه ٿو ڪري. بس گهر ڪان ٻاهر به ڪو نه ٿو نڪري، وڏو متوڪل ماڻهو آهي. جڏهن ته قرآن ۾ توڪل جي معنيٰ آهي انتهائي ڏکين حالتن ۾ پوريءَ همت سان ڪم ڪرڻ ۽ نتيجي طرفان خوفزده ٿي ڪم نه ڇڏڻ، بلڪ نتيجي جي باري ۾ الله تعاليٰ کان ڪاميابيءَ جو ڀروسو ڪرڻ، اهو مفهوم هيٺين آيتن مان صاف ظاهر ٿو ٿئي.

قَالُوۡا يٰمُوۡسٰٓى اِنَّ فِيۡهَا قَوۡمًا جَبَّارِيۡنَ ‌ۖ وَاِنَّا لَنۡ نَّدۡخُلَهَا حَتّٰى يَخۡرُجُوۡا مِنۡهَا‌ ۚ فَاِنۡ يَّخۡرُجُوۡا مِنۡهَا فَاِنَّا دٰخِلُوۡنَ ﴿۲۲﴾ قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيۡنَ يَخَافُوۡنَ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمَا ادۡخُلُوۡا عَلَيۡهِمُ الۡبَابَ‌ ۚ فَاِذَا دَخَلۡتُمُوۡهُ فَاِنَّكُمۡ غٰلِبُوۡنَ ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوۡۤا اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۲۳﴾ (المائد:۲۲ تا ۲۳)

ترجمو: ”چوڻ لڳا اي موسيٰ ان ملڪ ۾ رهندڙ قوم جا ماڻهو طاقتور ۽ ڏاڍا مڙس آهن، جيستائين هو اتاهون نڪرندا ڪو نه، تيستائين اسين ڪو نه هلنداسين، جيڪڏهن ان قوم جا ماڻهو نڪري ٿا وڃن ته پوءِ اسين هلنداسين. هڪ ٻن خدا جي خوف وارن، جن کي الله ايمان جي نعمت عطا ڪئي هئي، انهن چيو انهن تي چڙهائي ڪري دروازي مان ٽپي پئو دروازي مان ٽپڻ شرط توهان غالب ٿي ويندؤ. جيڪڏهن خدا تي ايمان اٿوَ ته توڪل ڪيو.“

## صبر جي معنيٰ

اڄ ڪلهه صبر هن کي سمجهيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ڪٿان ڪا اتفاقي مصيبت اچي وڃي ته ڏک جو اظهار نه ڪجي. ٻيو هي ته بي عزتي ۽ ذلت برداشت ڪيو پر ڪڇو نه. موچڙا کائيندا رهو پر زبان نه کوليو. اهڙن نالائقن ۽ بيغيرتن جي وري ساراهه ڪئي ويندي آهي ۽ هي سمجهيو ويندو آهي ته اهي قرآن تي عمل ٿا ڪن. قرآن ۾ صبر ڪندڙن جي تعريف آهي، ان ڪري هيڙن همراهه جي به واکاڻ ۽ اهميت هجڻ گهرجي.



جڏهن ته قرآن ۾ صبر جي معنيٰ آهي صحيح اصولن تي ڪم ڪندو رهڻ ۾ جيڪي ڏکيائون پيش اچن ته انهن کي برداشت ڪري ڪم کي جاري رکڻ، ڏکيائين کان گهٻرائي پوئتي نه هٽڻ، ڪم نه ڇڏڻ. هيٺين آيتن مان اهو مفهوم پڌرو ٿيندو.

قَالُوۡا لَا طَاقَةَ لَنَا الۡيَوۡمَ بِجَالُوۡتَ وَجُنُوۡدِهٖ‌ ؕ قَالَ الَّذِيۡنَ يَظُنُّوۡنَ اَنَّهُمۡ مُّلٰقُوا اللّٰهِ ۙ كَمۡ مِّنۡ فِئَةٍ قَلِيۡلَةٍ غَلَبَتۡ فِئَةً كَثِيۡرَةًۢ بِاِذۡنِ اللّٰهِ‌ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۲۴۹﴾ وَلَمَّا بَرَزُوۡا لِجَالُوۡتَ وَجُنُوۡدِهٖ قَالُوۡا رَبَّنَآ اَفۡرِغۡ عَلَيۡنَا صَبۡرًا وَّثَبِّتۡ اَقۡدَامَنَا وَانۡصُرۡنَا عَلَى الۡقَوۡمِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۲۵۰﴾ؕ فَهَزَمُوۡهُمۡ بِاِذۡنِ اللّٰهِ ۙ وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوۡتَ وَاٰتٰهُ اللّٰهُ الۡمُلۡكَ وَالۡحِكۡمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ‌ؕ وَلَوۡلَا دَفۡعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعۡضَهُمۡ بِبَعۡضٍ ۙ لَّفَسَدَتِ الۡاَرۡضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوۡ فَضۡلٍ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ (البقره: ۲۴۹ تا ۲۵۱)

ترجمو: ”(جڏهن طالوت ۽ ان جا پوئلڳ، ان سان گڏ دريا جي پوئين پر ويا ته جن ماڻهن طالوت جي نافرماني ڪئي) اهي چوڻ لڳا ته اسان ۾ جالوت ۽ ان جي لشڪر سان مقابلي جي طاقت ئي ڪانهي، ان تي انهن ماڻهن، جن کي خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ جو يقين هيو چيو ته گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي ته ٿورڙا ماڻهو خدا جي حڪم سان گهڻن تي غالب اچي ويندا آهن، الله تعاليٰ صبر ڪندڙ (ثابت قدم رهندڙن) سان گڏ آهي. جڏهن جالوت ۽ ان جي لشڪر جي آمهون سامهون ٿيا ته چوڻ لڳا، اي اسان جا پالڻهار اسان کي صبر عطا ڪر. ميدان جنگ ۾ پيرن ڄمڻ جي توفيق ڏي، ڪافرن جي ٽولي تي اسان کي فتح عطا ڪر، پوءِ الله جي حڪم سان انهن دشمن کي ڀڄائي ڇڏيو.“

قرآن پاڪ ۾ صابرن (ثابت قدم ماڻهن) کان هيءَ توقع رکي وئي آهي ته هو گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کان ٻيڻي طاقت تي غالب اچي ڏيکارين.

فَاِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغۡلِبُوۡا مِائَتَيۡنِ‌ ۚ وَاِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ اَلۡفٌ يَّغۡلِبُوۡۤا اَلۡفَيۡنِ بِاِذۡنِ اللّٰهِ‌ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ (انفال: ٦٦)

ترجمو: ”توهان مان جيڪڏهن سؤ ماڻهو صابر (اٽل) هجن ته به ٻن سون تي غالب ٿي ويندا، جيڪڏهن توهان مان اهڙا هزار هوندا ته ٻن هزارن کان زور ٿيندا، صابر ماڻهن سان خدا جو ساٿ آهي.“

## ڪجهه مثال

قرآن جي اصل تعليم نظرن کان اوجهل ٿي وڃڻ جي ڪري ۽ ان مان صحيح فائدو نه وٺڻ جي ڪري ۽ ان جي جاءِ تي ٻين ماڻهن جا لکيل شرح سامهون رکڻ جي ڪري، هڪ ته اهو نقصان ٿيو جو گهڻو ڪري لفظن جا غلط مطلب مشهور ٿي ويا. جيئن مٿينءَ وضاحت مان ظاهر ٿي چڪو ۽ ٻيو نقصان اهو ٿيو جو قرآن شريف جي تعليم جا ڪجهه

ضروري حصا نظرانداز ٿي ويا. جڏهن اصل ڪتاب اسان جي سامهون نہ هجي ۽ ان جي جاءِ تي مختلف ماڻهن جا لکيل ڪتاب اسين ڏسندا هجون تہ ان جو ظاهر آهي تہ اهو نتيجو نڪرندو تہ اصل ڪتاب جي تعليم اصل رنگ ۾ اسان جي سامهون نہ رهندي ۽ ان جو ڪجهہ حصو اسان کان ضايع ٿي ويندو. ان جا ڪجهہ مثال ڏسو جيئن دنيا جي زندگيءَ کي ڪامياب ۽ مضبوط بڻائڻ جا وسيلا ۽ ذريعا حاصل ڪرڻ جي باري ۾ قرآن شريف تعليم ڏني آهي ان کان بلڪل منهن موڙيو ويندو آهي. ان طرف ڪو بہ توجهہ نہ ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ دشمن کان محفوظ رهڻ ۽ پنهنجي حالت ڪامياب ۽ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ مڪمل تياري ڪرڻ ۽ ان لاءِ سمورين امڪاني قوتن کان ڪم وٺڻ اسلامي فرضن ۾ داخل آهي ۽ ان تي قرآن مجيد ۾ تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي.

وَ اَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّ مِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَعَدُوَّكُمْ
(انفال: ٦٠)

ترجمو: ”ڀرپور تياري ڪريو ان جي لاءِ جيترو ٿي سگهي، طاقت وٺو گهوڙن جا وڳ ڏاريو ۽ ائين الله جي دشمنن ۽ پنهنجي دشمنن کي دابي ۾ رکو.“

جيڪي ماڻهو مسلمانن کي ترقي ڏيارڻ ۽ انهن کي مضبوط ۽ ڪامياب بڻائڻ جي طرف توجهہ نہ ٿا ڪن ۽ سڀ ڪم ڇڏي نفل نمازون جوڙتي ويٺا آهن، پنهنجي حالت راهين جهڙِ بڻائي ڇڏي اٿن. اهڙن ماڻهن کي اسان وٽ اسلام جو نمونو ۽ مثالي مسلمان سمجهيو ويندو آهي. جڏهن تہ ان جي ڀيٽ ۾ قرآن جي تعليم هيءَ آهي تہ جيڪو ماڻهو مسلمانن جي حفاظت ڪرڻ ۽ انهن کي مضبوط بڻائڻ ۾ ڪنهن موقعي تي هڪ ڀيرو بہ سستي ڪري تہ مسلمانن کي گهرجي تہ اهو کهڙو بہ عبادت گذار ڇو نہ هجي ان کي ايستائين پنهنجي جماعت مان ڪڍي ڇڏين، جيستائين هو سڌري وڃي، خود صحابن سڳورن مان ٽن صحابن سڳورن هڪ ڀيري اهڙي موقعي تي سستي ڏيکاري، ڪعب بن مالڪ، هلال بن اميہ، مراره بن الربيع رضي الله عهنم، تہ سمورن مسلمانن انهن کي پنهنجي جماعت مان ڪڍي ڇڏيو ۽ انهن سا سڀ لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيائون، ايتري تائين جو ڳالهائڻ بہ بند ڪري ڇڏيائون. جڏهن تمام گهڻو پريشان ٿيا ۽ الله سائينءَ انهن جي توبهہ قبول ڪئي تڏهن وڃي مسلمانن انهن سان ٻيهر لاڳاپا رکيا، سورة توبهہ ۾ الله تعاليٰ انهن جو هن طرح ذڪر ڪيو آهي.

ترجمو: ”اهي ٽي شخص جيڪي جنگ کان رهجي ويا هئا، جڏهن زمين پنهنجي ڪشادگيءَ جي باوجود انهن تي سوڙهي ٿيڻ لڳي ۽ هو پنهنجي جان کان بہ بيزار ٿيڻ لڳا ۽ سمجهي ورتائون خدا جي پڪڙ کان خدا کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڇڏائي نہ سگهندو ۽ ڪٿي بہ بچاءُ نہ ٿيندو. تڏهن پنهنجي ڪئي تي توبهہ تائب ٿيا ۽ خدا انهن جي توبهہ قبول ڪئي تہ جيئن اڳي ائين نہ ڪن، الله تعاليٰ توبهہ قبول ڪندڙ مهربان آهي.“

صحيح حديثن ۾ بہ صاف نموني آيل آهي تہ مسلمانن کي محفوظ بڻائڻ جي



ڪوشش ڪرڻ روزن نمازن کان بهتر آهي.

ٻيو مثال هي آهي تہ روزگار حاصل ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ ان جا ذريعا ۽ وسيلا حاصل ڪرڻ ۽ دنياداريءَ کي پنهنجي پر ۾ مسلمان دين کان الڳ سمجهندا آهن، جڏهن تہ خود قرآن جي تعليم آهي.

فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَ ابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ (الجمع: ١٠)

ترجمو: ”جڏهن نماز پڙهي وٺو تہ پنهنجو پنهنجو رستو وٺو، خدا جي فضل (روزگار) حاصل ڪرڻ جي پويان لڳي وڃو.“

تڏهن تہ ڪوڙ صحابي ۽ بزرگ روزگار خاطر باقائدي واپار وڙو ڪندا هئا ان جي ابتڙ اسان جا هاڻوڪا بزرگ سڳورا وري واپار وڙي کي پنهنجي شان مان ۽ تقدس جي خلاف سمجهندا آهن، اهو قرآن کان ڏوراهينءَ جو نتيجو آهي.

## ٽيون مثال

عام طور هي سمجهيو ويندو آهي تہ مسلمان دنيا ۾ ذلت، مسڪينيءَ ۽ غربت جي زندگيءَ گذارڻ لاءِ ڄائو آهي، جڏهن تہ اهو سراسر قرآن جي تعليم جي ابتڙ آهي. ۽ قرآن مجيد ۾ ذلت ۽ مسڪينيءَ کي خدا جي غضب ۽ عذاب جي نشاني ٻڌايو ويو آهي. جيئن هنن آيتن مان ظاهر آهي.

كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٥﴾ فَاَذَاقَهُمُ اللّٰهُ الْخِزْيَ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا (الزمر: ٢٥ تا ٢٦)

ترجمو: ”جيڪي ماڻهو هنن کان ٿورو ڀهريائين گذري چڪا آهن، انهن بہ پيغمبر کي ڪوڙو سمجهيو تنهن تي الله تعاليٰ انهن کي اهڙي هنڌان عذاب ڪيو جو انهن کي ان جو پتو ئي نہ ٿي پيو، پوءِ الله تعاليٰ انهن کي دنيا جي حياتيءَ ۾ ذلت ۽ محتابي جو مزو چکايو.“

سورة بقره ۾ يهودين جي خرابين جي ذڪر کان پوءِ انهن کي هن طرح عذاب کان ڊيڄاريو ويو:

اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَ تَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ (البقره: ٨٥)

ترجمو: ”ڇا توهان خدا جي ڪتاب جي ڪن آيتن کي مڃو ٿا ۽ ڪن کي نہ ٿا مڃو توهان مان جيڪي ماڻهو ائين ڪندا، انهن جو هن کان سواءِ ٻيو ڪهڙو بدلو ٿي سگهي ٿو تہ دنيا ۾ ذلت ۽ خواريءَ جي زندگي گذارين ۽ قيامت جي ڏينهن بہ

www.sindhsalamat.com

سخت عذاب سان منهن ڏين.“[1]

ٻئي هنڌ سورة آل عمران ۾ اهل ڪتاب لاءِ فرمايو ويو آهي:

ضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ اَيۡنَ مَا ثُقِفُوۡۤا اِلَّا بِحَبۡلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبۡلٍ مِّنَ النَّاسِ وَ بَآءُوۡ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ ضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الۡمَسۡكَنَةُ ـ (آل عمران : ١١٢)

ترجمو: ”جتي ڏسو ذلت ۽ خواري انهن جي پيشانيءَ تي جهلي ٿي پئي ۽ خدا جي غضب ۾ ورتا پيا آهن ۽ محتاجي انهن جي ڳچيءَ ۾ ڏار ٿي پئي لٽڪي.“

انهن جي پيٽ ۾ جن ماڻهن تي خدا پنهنجي مهر فرمائيندو آهي، انهن کي مٿڀرائي ۽ حڪومت عطا ڪندو آهي:

وَلَا تَهِنُوۡا وَ لَا تَحۡزَنُوۡا وَ اَنۡتُمُ الۡاَعۡلَوۡنَ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ (آل عمران : ١٣٩)

ترجمو: ”همت نہ هاريو پريشان نہ ٿيو، توهان ئي غالب رهندؤ جيڪڏهن مؤمن آهيو.“

وَلَقَدۡ كَتَبۡنَا فِى الزَّبُوۡرِ مِنۡۢ بَعۡدِ الذِّكۡرِ اَنَّ الۡاَرۡضَ يَرِثُهَا عِبَادِىَ الصّٰلِحُوۡنَ (الانبياء:١٠٥)

ترجمو: ”اسين زبور ۾ ڪجهہ ڳالهين ۽ نصيحتن کان پوءِ لکي چڪا آهيون تہ اسان جا صالح ٻانها ئي حڪومت جا وارث بڻبا.“

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسۡتَخۡلِفَنَّهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ (النور: ٥٥)

ترجمو: ”صالح مؤمنن سان خدا جو واعدو آهي تہ انهن کي ملڪ جي خلافت (بادشاهي) ضرور عطا ڪندو.“[2]

## چوٿون مثال

عام طور هي سمجهيو ويندو آهي تہ جنت جو پڪو حقدار ٿيڻ جي لاءِ روزا، نمازون، حج ۽ زيارتون ڪرڻ، تسبيحون، ورد، وظيفا پڙهڻ ۽ ڏاڙهي رکڻ، مڃون ڪاٽڻ ڪافي آهي. جيڪڏهن پورو مذهبي ۽ جنتي مسلمان بڻجڻ جي لاءِ صرف اهي شرط مهيا وڃن تہ پوءِ باقي ڪهڙو سبب آهي جو ڪير اسلام جي اشاعت ۽ مسلمانن جي حفاظت فلاح ۽ ترقيءَ جي لاءِ پنهنجو پان کي مشقتن ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ڪري ۽ آرام ۽ سڪون جي زندگي ڇڏي ڏئي. جيڪڏهن عمر جي شروعات کان اسان جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ پيدا ٿي

(1) مطلب دنيا ۾ ذلت ۽ خواري بہ خراب عملن جو نتيجو آهي، جنهن کي اسان وارا سڳورا مؤمن لاءِ نعمت ٿا قرار ڏين، جڏهن تہ مؤمن سان خدا تعاليٰ جو واعدو آهي تہ ان کي ”استخلاف في الارض“ زمين جي مالڪي (بادشاهي) عطا ڪندو.

(2) مٿين قرآن جي آيتن ۾ ٻن جماعتن جو ذڪر ٿيو هڪڙن کي دنيا توڙي آخرت ۾ ذلت ۽ خواري، غلاميءَ ۽ ٻک جي سزا، ٻين کي اقتدار عزت شان ۽ شوڪت، آزادي ۽ عظمت. جيڪي قرآني پروگرام کي غلط سمجهندا، غلط عمل ڪندا، انهن کي پوڄا پاٺ تائين محدود رکندا، يا قرآن تي مورڳو عمل ئي نہ ڪندا، انهن جي لاءِ ذلت ۽ خواري. اهو خدا جو فيصلو آهي ۽ قانونِ فطرت آهي.



وڃي تہ اسلام ۾ مسمانن جي خدمت کان بغير بہ ڪو شخص پورو ملسمان ٿي سهگي ٿو تہ پوءِ قومي زندگيءَ تان قربان ٿيڻ جي لاءِ اسان کي ڪهڙي شيءِ آماده ڪري سگهي ٿي. جڏهن تہ قرآن مجيد ۾ صاف لفظن ۾ آيو آهي تہ اسان جي نجات جي لاءِ هن زندگيءَ ۾ پوري ۽ هر طرح جي ڪوشش جي ضرورت آهي.

اَمۡ حَسِبۡتُمۡ اَنۡ تَدۡخُلُوا الۡجَنَّةَ وَلَمَّا يَاۡتِكُمۡ مَّثَلُ الَّذِيۡنَ خَلَوۡا مِنۡ قَبۡلِكُمۡ ؕ مَسَّتۡهُمُ الۡبَاۡسَآءُ وَ الضَّرَّآءُ وَ زُلۡزِلُوۡا حَتّٰى يَقُوۡلَ الرَّسُوۡلُ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ مَتٰى نَصۡرُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ نَصۡرَ اللّٰهِ قَرِيۡبٌ (البقره:٢١٤)

ترجمو: ”ڇا توهان جو خيال آهي تہ توهان بس ائين ئي جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ؟ توهان کي اهڙيون حالتن پيش ڪو نہ اينديون جهڙيون اڳين قومن کي پيش آيون هيون، انهن کي ايتريون تڪليفون ۽ لوڏا آيا، جو خدا جو رسول ۽ جيڪي انهن سان گڏ مؤمن هيا، چوڻ لڳا خدايا تنهنجي مدد ڪڏهن ايندي؟ خبردار الله جي مدد ويجهي آهي.“

اَمۡ حَسِبۡتُمۡ اَنۡ تَدۡخُلُوا الۡجَنَّةَ وَلَمَّا يَعۡلَمِ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ جٰهَدُوۡا مِنۡكُمۡ وَيَعۡلَمَ الصّٰبِرِيۡنَ (آل عمران:١٤٢)

ترجمو: ”ڇا توهان جو خيال آهي تہ بس ائين جنت ۾ ويندؤ؟ جڏهن تہ الله تعاليٰ اها خبر بہ ڪو نہ ورتي آهي تہ توهان مان ڪهڙا مجاهد آهن ۽ ڪهڙا صابر آهن.“

اَمۡ حَسِبۡتُمۡ اَنۡ تُتۡرَكُوۡا وَ لَمَّا يَعۡلَمِ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ جٰهَدُوۡا مِنۡكُمۡ وَ لَمۡ يَتَّخِذُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَ لَا رَسُوۡلِهٖ وَ لَا الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَلِيۡجَةً ؕ وَ اللّٰهُ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ (توبه:١٦)

ترجمو: ”ڇا توهان سمجهيو آهي تہ بس توهان کي ائين ڇڏي ڏبو؟ جڏهن تہ الله تعاليٰ اڃا توهان مان انهن ماڻهن کي پوري طرح آزمائش ۾ وڌو ئي ناهي، جيڪي مجاهد آهن ۽ خدا ۽ ان جي رسول کان سواءِ ڪنهن کي پنهنجو دوست نہ ٿا رکن. الله تعاليٰ توهان جي عملن جي خبر رکي ٿو.“

وَلَنَبۡلُوَنَّكُمۡ حَتّٰى نَعۡلَمَ الۡمُجٰهِدِيۡنَ مِنۡكُمۡ وَ الصّٰبِرِيۡنَ ۙ وَنَبۡلُوَا۟ اَخۡبَارَكُمۡ (محمد:٣١)

ترجمو: ”توهان جي اسان آزمائش ضرور ڪنداسين تہ جيئن اسان توهان مان انهن ماڻهن جي خبر وٺي سگهون، جيڪي مجاهد ۽ صابر (ثابت قدم) آهن ۽ توهان جي حالتن جي خبر پڻ وٺي سگهون.“

سورة عصر ۾ حق ۽ جمي ٻيهڻ جي تلقين کي سيني تي لازمي قرارڏنو ويو آهي ۽ اهو پڌرو ڪيو ويو آهي تہ ان کانسواءِ سڀ ماڻهو نقصان ۾ آهن.

وَ الۡعَصۡرِ ۙ ﴿۱﴾ اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَفِىۡ خُسۡرٍ ۙ ﴿۲﴾ اِلَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ تَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ ۬ۙ وَ تَوَاصَوۡا بِالصَّبۡرِ (العصر)

ترجمو: ” تاريخ شاهد آهي تہ انهن ماڻهن کانسواءِ سڀ انسان نقصان ۾ رهيا آهن، جن

ايمان آندو عمل صالح ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي حق جي وصيت ڪندا رهيا ۽ سچ جي واٽ تي ڄمي بيهڻ جي تلقين ڪندا رهيا.“

امام رازي پنهنجي تفسير ڪبير ۾ ان سورة جي تشريح ڪندي صاف لفظن ۾ فرمائين ٿا ته:

”ان ۾ سخت وعيد آهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ الله تعاليٰ انهن ماڻهن ڪانسواءِ جن چئن شين تي عمل ڪيو ٻين سڀني انسانن تي نقصان جو حڪم لڳايو آهي، اهي چار شيون ايمان، عمل صالح ۽ حق ۽ حق تي ڄمي بيهڻ آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪاميابي انهن چئن شين تي منحصر آهي ۽ جهڙيءَ طرح هر ذميوار شخص تي پنهنجي ضرورت جي شين کي حاصل ڪرڻ ضروري آهي، تهڙيءَ طرح جيڪي شيون ٻين سان لاڳاپو رکن ٿيون، انهن کي حاصل ڪرڻ به ضروري آهي، دين جي دعوت ڏيڻ خيرخواهيءَ ڪرڻ، چڱاين جو حڪم ڪرڻ ۽ براين کان روڪڻ ان ۾ شامل آهن. ”تواصي“ جو لفظ به دفعا ان ڪري آيو آهي ته پهريون الله ڏانهن سڏڻ تي ڏس ڏي، ٻيون ثابت قدم رهڻ تي. ان آيت مان ثابت ٿئي ٿو ته حق تمام ڏکيو آهي، ان لاءِ تمام گهڻيون تڪليفون سهڻيون پون ٿيون. ان ڪري صبر (ثابت قدميءَ) جو حڪم ڪيو ويو آهي.“

مان ٿورو پهريائين عرض ڪري چڪو آهيان ته قرآن جي اصل تعليم ڇڏي ڏيڻ جي ڪري ۽ ان مان صحيح طريقي سان فائدو نه وٺڻ جي ڪري، هڪ ته قرآن جي لفظن جا غلط مطلب مشهور ٿي ويا آهن ۽ ٻيو هاڻي هي واضح ٿيو ته اسان ان جي تعليم جو گهڻو حصو وساري ڇڏيو آهي. جڏهن ته قرآن ۾ ان ڳالهه تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي ته تعليم جي ڪنهن به حصي کي نظرانداز نه ڪجو. سڀ جو سڀ سامهون رکو نه ته ذلت ۽ عذاب نازل ٿيندو.

اَفَتُؤۡمِنُوۡنَ بِبَعۡضِ الۡكِتٰبِ وَتَكۡفُرُوۡنَ بِبَعۡضٍ‌ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنۡ يَّفۡعَلُ ذٰلِكَ مِنۡكُمۡ اِلَّا خِزۡىٌ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا‌ۚ وَيَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يُرَدُّوۡنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الۡعَذَابِ (البقره:٢٨)

ترجمو: ”ڇا توهان ڪتاب جي ڪن آيتن کي مڃو ٿا، ڪن کي نه ٿا مڃو. توهان مان جيڪي ماڻهو ائين ڪندا انهن جي لاءِ دنيا ۾ خواري ۽ آخرت ۾ عذاب ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو بدلو ٿي سگهي ٿو.“

تعليم جي صحيح طريقي کي ڇڏي ڏيڻ سان ٽيون وڏو نقصان اهو ٿيو ته ڪلام پاڪ ۾ پوريءَ طرح غور فڪر نه ڪرڻ جي ڪري ان جي ڪن حصن کي رڳو آکاڻين ۽ تفريحي ڳالهين جي درجي ۾ رکيو ويو آهي ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪرڻ جو سوچيو به نه ٿو وڃي. ائين اسين قرآن شريف جي تعليم جي هڪ حصي مان صحيح معنيٰ ۾ فائدو وٺڻ کان رهجي وياسين. قرآن مجيد ۾ جيڪي قصا ذڪر ٿيل آهن، اسين انهن کي رڳو هي مقام ڏيندا آهيون ته :



اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ (الانعام:٢٥)

ترجمو: ”اهي اڳين ماڻهن جي قصن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهن.“

اهو درجو ٿا ڏين انهن قصن کي جڏهن ته قرآن ۾ تعليم جي ان حصي جي باري ۾ فرمايو ويو آهي:

وَكُلًّا نَّقُصُّ عَلَيۡكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ‌ۚ وَجَآءَكَ فِىۡ هٰذِهِ الۡحَـقُّ وَمَوۡعِظَةٌ وَّذِكۡرٰى لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ (هود: ١٢٠)

ترجمو: ”اي رسول ٻين پيغمبرن جا جيترا به قصا آهن، انهن سان اسين تنهنجي دل ٻڌرايون ٿا. انهن قصن جي ذريعي هڪ ته حق جي جيڪا ڳالهه هئي، اها پهچايون ٿا، ان ڪانسواءِ انهن ۾ مؤمنن جي لاءِ نصيحت ۽ يادگيري آهي.“ (3)

## قرآن جا قصا

قرآن مجيد ۾ آيل انهن قصن جو مقصد هي آهي ته اسين انهن واقعن مان فائدو وٺون ۽ انهن کي پنهنجي لاءِ هدايت جو روشن ڏيئو بڻايون ۽ جيڪي نبي ۽ مصلح پهريائين گذريا آهن، انهن جي نقش قدم تي هلي پوري پوري ڪيامبابي حاصل ڪيون، پر اسين انهن کي رڳو آکاڻيون سمجهندا آهيون ۽ انهن مان ڪو به لاڀ نه ٿا وٺون. انهن قرآني قصن ۾ اسان جي لاءِ اهڙي تعليم موجود آهي ، جو جيڪڏهن اسين ان مان فائدو پرايون ۽ انهن کي پنهنجي پيش نظر رکون ۽ انهن تي عمل ڪيون ته دنيا جي بهترين قوم بڻجي سگهون ٿا ۽ اها ڳالهه اسلام جي پهرئين دور ۾ ثابت به ٿي چڪي آهي، نموني طور ڪجهه قصن جي تعليم جا ڪجهه حصا پيش ڪجن ٿا.

## حضرت يوسف عليه السلام

حضرت يوسف عليه السلام جي قصي کي اسين رڳو حسن ۽ محبت جو واقعو سمجهندا آهيون، جڏهن ته قرآن ان کي ”احسن القصص“ ڪوٺيو آهي. هڪڙي همراهه کي پورو شاهنامون ٻڌائڻ کان پوءِ چيو ويو ته شهنامي جو ڪو عمدو شعر پڙهي ٻڌاءِ، ته هن هي شعر پڙهيو: ” منيزه منم دخت افراسياب - برهنه ترم رانه ديد آفتاب“

ترجمو: ”مان افراسياب جي ڌيءَ منيزه آهيان، منهنجي اگهاڙي جسم کي سج به ڏسي نه سگهيو آهي. “سو اسان جي انهيءَ همراهه جهڙي حالت لڳي پئي آهي. حضرت يوسف عليه السلام جي قصي ۾ هن ڳالهه ڪانسواءِ ته ان ۾ حضور جن کي ساڻن پيش ايندڙ

(3) يادگيريءَ جو مطلب تاريخي شهادتن ۽ دليلن سان اهو ٻڌائڻ آهي ته عروج ۽ زوال جو خدائي قانون ڪهڙو آهي. پيغمبر ۽ انهن جا ساٿي عمل ذريعي ڪامياب ٿيا آهن، تنهن ڪري عروج جو رستو جدوجهد ۽ استقلال جو اهو رستو آهي، جيڪو خدا جي هدايتن جي موافق هجي.

www.sindhsalamat.com

واقعن جي خبر ڏني وئي، جيڪي حضرت يوسف عليه السلام وانگر ٿيڻ وارا هئا. هي به سمجهايو ويو آهي ته توهان کي توهان جا پائر جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪندا ۽ وطن کان ٻاهر وڃڻ کان پوءِ ٻئي هنڌ توهان جي ڪاميابي ٿيندي. ان کانپوءِ توهان جا قريشي پائر توهان کان معافي وٺندا ۽ توهان انهن کي معافي ڏيندؤ وغيره وغيره.

ان کانسواءِ ان قصي ۾ انهن اخلاقن جي تعليم آهي، جن سان هڪ ماڻهو غلام جي حيثيت مان ترقي ڪري حڪومت جي درجي تي پهچي سگهي ٿو. حضرت يوسف عليه السلام هڪ غلام جي حيثيت ۾ مصر آيو هو ۽ ڪيس عزيز مصر خريد ڪيو، اها سندن پهرين حالت هئي، انهيءَ حالت کان حڪومت جي درجي تائين پهچڻ جي لاءِ خاص طور تي هنن اخلاقن جي ضرورت آهي: جذبن تي ڪنٽرول ڪرڻ، امانت، صحيح اصولن تي پابندي ڪرڻ لاءِ هر حالت ۾ مشڪلاتون برداشت ڪرڻ، پنهنجو ڪم سانده جاري رکڻ، پريشانين کان ڊڄي پنهنجو ڪم نه ڇڏڻ. انهن گڻن جي سکيا حضرت يوسف عليه السلام جي واقعن مان سٺي نموني ملي سگهي ٿي. جيڪو واقعو زليخان سان پيش آيو، ان ۾ پنهنجي جذبي تي ڪنٽرول ڪرڻ، مالڪ جي امانت ۾ خيانت نه ڪرڻ، جو بهترين مثال آهي. جڏهن زليخان حضرت يوسف عليه السلام کي هيءَ ڌمڪي ڏني ته 'وَلَئِن لَّمْ يَفْعَلْ مَآ اٰمُرُهٗ لَيُسْجَنَنَّ وَلَيَكُوْنًا مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ' (يوسف : ٣٢) "جيڪڏهن تو منهنجو چيو نه مڃيو ته جيل اماڻي ڇڏيندي سانءِ ۽ بيعزتو ڪندي سانءِ؟"

ته پاڻ فرمايائون: "قَالَ رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا يَدْعُوْنَنِيْٓ" (يوسف: ٣٣) "اي پروردگار جنهن حرڪت ڏانهن هيءَ مون کي سڏي ٿي ان کان مون کي قيد پلو آهي" پنهنجي اعليٰ اصولن جي ابتڙ ڪم ڪرڻ کان مون کي جيلن جون ڏکيائون سهڻ وڌيڪ پسند آهن. جڏهن وري جيل ۾ باندي ٿيو ته اتي قيدين کي تبليغ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين، جيل ۾ هيئن تبليغ ڪرڻ لڳو.

يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿٣٩﴾ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ (يوسف: ٣٩ تا ٤٠)

ترجمو: "خدا سان ٻين کي شريڪ ناهڻ اسان کي نه ٿو سونهين، جيل جا دوستو ڏسو ته سهي! ڇا ڌار ڌار خدا ڀلا يا هڪڙو خدا زبردست. سڄي دنيا ۾ حڪومت، اختيار، قانون ته فقط ان جو آهي ۽ ان حڪم ڪيو آهي ته فقط ان جي ئي پوئلڳي ڪيو."

پنهنجي مقصد کي هر حالت ۾ نه ڇڏڻ ۽ پنهنجي مقصد پوري ڪرڻ ۾ هر حالت ۾ لڳو رهڻ، جيل ۽ قيد وغيره جو ڪو به فڪر نه ڪرڻ، اهو نهايت ئي عمدو سبق آهي.



نيٺ حضرت يوسف عليه السلام هڪ ٻئي ملڪ ۾ غلاميءَ جي درجي مان ترقي ڪري ان درجي تي پهتو جو چوڻ لڳو "رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ" (يوسف: ١٠١) "اي پالڻهار تنهنجو شڪر جو تو مون کي حڪومت عطا ڪئي."

## حضرت ابراهيم عليه السلام

حضرت ابراهيم عليه السلام جي قصي ۾ هيءَ تعليم آهي ته پنهنجا انتهائي ويجها رشتيدار يا سڄي دنيا پنهنجي خلاف ٿي وڃي، تڏهن به خدا جي حڪمن جي پيروي هرگز نه ڇڏڻ گهرجي ۽ پنهنجي صحيح مقصد جي حصول ۾ مصروف رهڻ گهرجي، پوءِ ان ۾ ڪيتريون به ڏکيائيون برداشت ڪرڻيون پون ۽ ڪيتريون به قربانيون ڇو نه ڏيڻيون پون، تڏهن ته حضرت ابراهيم عليه السلام قربانيءَ جو به هڪ اعليٰ نمونو پيش ڪيو آهي. جو پنهنجي جگر جي ٽڪري لاڏلي ۽ پياري پٽ جي قرباني ڏني.

قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ ۚ اِذْ قَالُوْا لِقَوْمِهِمْ اِنَّا بُرَءٰٓؤُا مِنْكُمْ وَمِمَّا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۫ كَفَرْنَا بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَآءُ اَبَدًا حَتّٰى تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ اِلَّا قَوْلَ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ لَاَسْتَغْفِرَنَّ لَكَ وَمَآ اَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ رَبَّنَا عَلَيْكَ تَوَكَّلْنَا وَاِلَيْكَ اَنَبْنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ (الممتحنه: ٤)

ترجمو: "ابراهيم ۽ ان جا ساٿي حسن عمل جو هڪ بهترين مثال آهن، جڏهن انهن پنهنجي قوم کي چيو ته اسان توهان کان ۽ توهان جي انهن معبودن کان جن جي توهان پوڄا ٿا ڪيو بيزار آهيون، اسان توهان جي سوچن جو انڪار ٿا ڪيون اسان ۽ توهان ۾ ظاهر ظهور دشمني ۽ نفرت قائم ٿي چڪي آهي، اها ايستائين قائم رهندي جيستائين توهان هڪڙي خدا تي ايمان آڻيون."

حضرت ابراهيم پنهنجي ڳالهه پوري ڪري سمجهائي پر جڏهن اهي سندس مقصد جي خلاف رهيا پوءِ ان پنهنجي پيءُ سان به ناتو ٽوڙي ڇڏيو.

اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ يٰٓاَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ مَا لَا يَسْمَعُ وَلَا يُبْصِرُ وَلَا يُغْنِيْ عَنْكَ شَيْئًا ﴿٤٢﴾ قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰٓاِبْرٰهِيْمُ ۚ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ وَاهْجُرْنِيْ مَلِيًّا ﴿٤٦﴾ قَالَ سَلٰمٌ عَلَيْكَ ۚ سَاَسْتَغْفِرُ لَكَ رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِيْ حَفِيًّا ﴿٤٧﴾ وَاَعْتَزِلُكُمْ وَمَا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَاَدْعُوْا رَبِّيْ ۖ عَسٰٓى اَلَّآ اَكُوْنَ بِدُعَآءِ رَبِّيْ شَقِيًّا (مريم: ٤٢ تا ٤٨)

ترجمو: "جڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين، بابا توهان بتن جي عبادت ڇو ٿا ڪريو جيڪي نه ڪو ٻڌن ٿا نه ڪو ڏسن ٿا ۽ نه توهان جي ڪم ٿا اچن. تنهن تي ابراهيم جي پيءُ چيو ڇا تون پنهنجي معبودن کان ڦري ويو آهين. جيڪڏهن نه مڙئين ته مان ضرور توکي سنگسار ڪندس، نه ته پنهنجو ڀلو گهرين ته مون کان

www.sindhsalamat.com

پري ٿي وڃ (اکين اڳيان ٽري وڃ). ابراهيم عليه السلام چيو بابا تون خوش هجين مان هلان ٿو پروردگار کان تنهنجي لاءِ دعا گهرندس اهو منهنجي مٿان ڏاڍو مهربان آهي، مون سڀ ڪجهه ڇڏيو. توهان کي توهان جي معبودن کي جن کي خدا کانسواءِ سڏيو ٿا سيني کي ڇڏيو.“

حضرت ابراهيم عليہ اسلام کي سندس قوم چيو: فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا اقْتُلُوْهُ اَوْ حَرِّقُوْهُ (عنڪبوت: ٢٤)

ترجمو: ”ابراهيم عليه السلام جي قوم جي زبان تي هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ هيو تہ ان کي قتل ڪيو يا ساڙيو.“

پر پاڻ برابر ثابت قدم رهيا، پنهنجو ڪم ڪندا رهيا. ان رستي ۾ الله تعاليٰ کين ڪامياب ڪيو ۽ سيني ڏکيائين کان ڇوٽڪارو ڏنو.

## حضرت نوح عليه السلام

حضرت نوح عليہ اسلام جي واقعي کي اسين صرف طوفان نوح تائين محدود ڪري ٿا ڇڏيون. رڳو اهو بحث ڪندا آهيون تہ پاڻي ڪيترو وسيو هيو، طوفان جو اثر ڪٿي ڪٿي پيو هيو ۽ بس.

جڏهن تہ ان قصي ۾ ثابت قدميءَ سان لڳاتار ڊگهي عرصي تائين ڪم ڪندو رهڻ جو ۽ پنهنجي مقصد لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ جو سبق ملي ٿو. گڏوگڏ هي بہ تہ مائٽ مٽ جيڪڏهن سٺا ڪم نہ ڪندا هجن ۽ ان وڏي مقصد جي خلاف هجن تہ انهن سان لاڳاپو نہ رکجي، انهن کي مائٽ ئي نہ سمجهڻ گهرجي. حضرت نوح عليه السلام خدا کي عرض ٿو ڪري

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ دَعَوْتُ قَوْمِيْ لَيْلًا وَّ نَهَارًا ۙ ⑤ فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِيْٓ اِلَّا فِرَارًا ⑥ وَ اِنِّيْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَ اسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَ اَصَرُّوْا وَ اسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا ۚ ⑦ ثُمَّ اِنِّيْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ۙ ⑧ (نوح: ٥ تا ٨)

ترجمو: ”اي منهنجا پالڻهار مون پنهنجي قوم کي ڏينهن رات سڏيو. پر هنن فراريت کان سواءِ ٻيو ڪو بہ رستو اختيار نہ ڪيو. جڏهن بہ مان هنن کي سڏيان ٿو تہ تنهنجي مغفرت ۾ اچن تہ پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهيو ٿا ڇڏين ۽ ڪپڙا ويڙهي لڪيو ٿا وڃن ۽ انتهائي ضد ۽ آڪڙ ۾ پئجي ويا آهن. جڏهن تہ مان انهن کي هوريان ڏاڍيان هر حال ۾ سڏيندو ٿو رهان.“

ڊگهي عرصي تائين پاڻ مسلسل ڏينهن رات محنت ۾ لڳا رهيا هرممڪن صورت ۾ انهن ڪم جاري رکيو. ايئن نہ هيو تہ ڪو ٿورو وقت ڪم ڪري وري ويهي رهيا بلڪ لاڳيتو ڪم ڪندا رهيا..... جڏهن سندن پٽ غرق ٿي ٿيو تہ پاڻ دعا گهريائون.

وَ نَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ وَ اِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَ اَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ ㊺ قَالَ



يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ ۖ فَلَا تَسْـَٔلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنِّيْٓ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ㊻ قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْـَٔلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَ اِلَّا تَغْفِرْ لِيْ وَ تَرْحَمْنِيْٓ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ (هود: ٤٥ تا ٤٧)

ترجمو: ”نوح پنهنجي رب کي سڏيو ۽ عرض ڪيو اي منهنجا پالڻهار منهنجو پٽ بہ منهنجي اهل عيال ۾ داخل آهي، تنهنجو وعدو سچو آهي، تون سڀ کان وڏو حاڪم آهين، الله فرمايو: اي نوح! تنهنجو پٽ تنهنجو اهل عيال ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان جا عمل سٺا ناهن، تنهن ڪري جنهن شيءِ جي حقيقت جي توکي خبر ناهي، اسان کان ان جي گهر نہ ڪر. اسان توکي سمجهايون ٿا تہ نادانن جهڙيون ڳالهيون نہ ڪر. نوح عليه السلام چيو پروردگار تنهنجي پناهہ جو مان توکان ڪنهن اهڙي شيءِ جي درخواست ڪيان جنهن جي مون کي خبر ناهي.“ سندن پٽ ۽ زال ٻئي غرق ٿيا ۽ پاڻ انهن جي غرقابي قبول ڪئي.

ماڻهن کيس چيو: قَالُوْا لَىِٕنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰنُوْحُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمَرْجُوْمِيْنَ (الشعراءَ: ١١٦)

ترجمو: ”چيائون جيڪڏهن تون پنهنجي حرڪتن کان نہ مڙئين تہ توکي سنگسار ڪيو ويندو.“

۽ هي چيائون: مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يُرِيْدُ اَنْ يَّتَفَضَّلَ عَلَيْكُمْ ، اِنْ هُوَ اِلَّا رَجُلٌۢ بِهٖ جِنَّةٌ (المؤمنون: ٢٣ تا ٢٤)

ترجمو: ”هي توهان جهڙو ئي ماڻهو آهي، توهان کان مٿيرو ٿيڻ ٿو گهري هن تي جن سوار ٿي ويو آهي.“

پر پاڻ دڙڪي ڌمڪيءَ ۽ طعني تشنيع جي پرواهہ نہ ڪيائون ۽ لڳاتار ڪم ۾ مصروف رهيا، ايتري تائين جو سندن مخالف تباهہ ۽ برباد ٿي ويا.

## حضرت موسيٰ عليه السلام

حضرت موسيٰ جي قصي کي بہ معجزن جو ڀنڊار سمجهيو ويندو آهي ۽ هي بحث ڪيو ويندو آهي تہ جڏهن حضرت موسيٰ بحر قلزم عبور ڪيو تہ پاڻي معجزي جي ڪري ڦاٽي ڏار ڏار ٿي ويو ۽ سُڪ ظاهر ٿي، يا ڪو بہ معجزو نہ هيو، رڳو ايئن پاڻي هٽي ۽ چڙهي ويو. سڄو توجهہ رڳو انهن ڳالهين ۾ صرف ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ ان قصي ۾ هي سبق ڏنل آهي تہ پنهنجي قوم کي انتهائي ذلت ۽ ظلم جي اونهين کڏن مان ڪڍي ترقيءَ جي اعليٰ درجن تي پهچائڻ هڪ اعليٰ گڻ ۽ منصب آهي. بني اسرائيل اهڙي بريءَ حالت ۾ هيا جو انهن جا حاڪم انهن جي پٽن کي ذبح ڪندا هيا ۽ انهن جون ڌيئرون خدمت لاءِ زندهہ رکندا هيا. ان ظلم مان نجات ڏيارڻ بہ پيغمبري شيوو آهي، گڏوگڏ هن قصي ۾ انهن اعليٰ گڻن جي تعليم پڻ ڏني وئي آهي، جن جي ذريعي ڪنهن بہ قوم جي ترقي ممڪن ٿيندي آهي.

www.sindhsalamat.com

الله تعاليٰ حضرت موسيٰ کي فرمائي ٿو ته:

اِذۡهَبَاۤ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ اِنَّهٗ طَغٰى ۚ﴿۴۳﴾ فَاۡتِيٰهُ فَقُوۡلَاۤ اِنَّا رَسُوۡلَا رَبِّكَ فَاَرۡسِلۡ مَعَنَا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۙ وَلَا تُعَذِّبۡهُمۡ. (طه: ۴۳ تا ۴۷)

ترجمو: "تون ۽ تنهنجو ڀاءُ ٻئي فرعون ڏانهن وڃو. هن گهڻي سرڪشي اختيار ڪئي آهي، ان ڏانهن وڃو ۽ وڃي چؤس اسان تنهنجي رب وٽان آيا آهيون. تون بني اسرائيل کي اسان سان گڏ ڇڏ. انهن کي آزاد ڪر. انهن تي ظلم نه ڪر. انهن کي عذاب نه ڏئي."

هي قومي آزادين جو منصب ۽ ذميواري قرآن پيغمبرن جو منصب ڪري ٻڌايو آهي.

الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام کي حڪم ڏنو ته پنهنجي قوم کي گذريل زماني جي قومن جي عروج ۽ زوال جي حالتن کان واقف ڪيو ۽ ايئن انهن کي تنبيهه ڪيو.

سورة ابراهيم ۾ فرمايائين: وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اَنۡ اَخۡرِجۡ قَوۡمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ ۙ وَذَكِّرۡهُمۡ بِاَيّٰٮمِ اللّٰهِ. (ابراهيم: ۵)

ترجمو: "اسان موسيٰ عليه السلام کي هدايتون ڏئي موڪليو ته پنهنجي قوم کي اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ۽ انهن کي الله جا ڏينهن (تاريخ) ياد ڏياري، ڇاڪاڻ ته ان ۾ صابر ۽ شاڪر ماڻهن جي لاءِ نشانيون آهن."

شاهه ولي الله صاحب پنهنجي ڪتاب "الفوز الڪبير في اصول التفسير" صحفي ۵ ۾ "تذڪير بايام الله" جي هيءَ معنيٰ لکي آهي "بيان و وقائع ڪو آن را خدا تعاليٰ ايجاد فرموده است از جنس انعام مطيعين و تعذيب مجرمين."

ترجمو: "مجرمن جي تباهيءَ ۽ دين تي عمل ڪندڙن جي ڪاميابيءَ جا واقعا بيان ڪرڻ: (جنهن کي اسين قومن جي عروج ۽ زوال جي تاريخ چوندا آهيون)"

سورة يونس ۾ آهي ته: وَاَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى مُوۡسٰى وَاَخِيۡهِ اَنۡ تَبَوَّاٰ لِقَوۡمِكُمَا بِمِصۡرَ بُيُوۡتًا وَّاجۡعَلُوۡا بُيُوۡتَكُمۡ قِبۡلَةً وَّاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ ‌ؕ وَبَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ. (يونس: ۸۷)

ترجمو: "اسان موسيٰ ۽ ان جي ڀاءُ ڏانهن وحي موڪلي ته مصر ۾ پنهنجي ماڻهن جي رهڻ لاءِ گهر ٺاهيو ۽ پنهنجي گهرن کي مسجدون قرار ڏيو ۽ نماز قائم ڪندا رهو ۽ اي موسيٰ ايمان وارن کي خوشخبري ڏي ته توهان جي ڪاميابيءَ جو وقت اچي ويو آهي."

هڪ مرده قوم کي زنده ڪرڻ جي لاءِ گذريل قومن جي عروج ۽ زوال جي تاريخ ۽ ڪاميابيءَ جي پوري اميد جيڪو ڪجهه ڪري سگهي ٿي. ان کي هن زماني جي ماڻهن صحيح طرح سمجهي ورتو آهي.

جڏهن فرعون جا جادوگر موسيٰ عليه السلام سان ملي ويا ته فرعون انهن کي چيو:



فَلَاُقَطِّعَنَّ اَيۡدِيَكُمۡ وَاَرۡجُلَكُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ وَّلَاُصَلِّبَنَّكُمۡ (طه: ۷۱)

ترجمو: "آءٌ توهان جو هڪ طرف جو هٿ ۽ ٻئي طرف جو پير ڪٽيندس ۽ توهان سڀني کي سوليءَ تي لٽڪائيندس."

تنهن تي انهن جواب ڏنو: فَاقۡضِ مَاۤ اَنۡتَ قَاضٍ(طه: ۷۲)

ترجمو: "جيڪو ڪجهه ڪرڻو اٿئي سو ڪر"

حضرت موسيٰ ۽ ان جا ساٿي پنهنجي اصولن ۽ مقصدن جي پورائيءَ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هيا، ۽ ايئن انهن جي ڪاميابي ٿي ۽ انهن جا دشمن تباهه ٿيا. گڏوگڏ حضرت موسيٰ جي قصي ۾ قومي اتفاق ۽ اتحاد تي پڻ زور ڏنو ويو آهي. جڏهن حضرت موسيٰ طور جبل تي وڃڻ وقت حضرت هارون کي پنهنجي ذميوارين جو اختيار ڏنو ۽ پاڻ طور جبل ڏانهن ويو ته ان جي قوم ڳابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني، واپسيءَ تي جڏهن حضرت موسيٰ اها حالت ڏٺي ته ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ حضرت هارون کي چيائين:

قَالَ يٰهٰرُوۡنُ مَا مَنَعَكَ اِذۡ رَاَيۡتَهُمۡ ضَلُّوۡۤا ۙ﴿۹۲﴾ اَلَّا تَتَّبِعَنِ ‌ؕ اَفَعَصَيۡتَ اَمۡرِىۡ (طه:۹۱ تا ۹۲)

ترجمو: "اي هارون جڏهن تو ڏٺو ته هي گمراهه ٿي رهيا آهن ته تو انهن کي ڇو نه روڪيو. تو پويان منهنجي ذميواري ڇو نه پوري ڪئي، ڇا تو منهنجي نافرماني نه ڪئي ۽ تو انهن کي زبردستي ڇو نه روڪيو." حضرت هارون جواب ڏنو:

يَبۡنَؤُمَّ لَا تَاۡخُذۡ بِلِحۡيَتِىۡ وَلَا بِرَاۡسِىۡ ۚ اِنِّىۡ خَشِيۡتُ اَنۡ تَقُوۡلَ فَرَّقۡتَ بَيۡنَ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ (طه: ۹۴)

ترجمو: "اي منهنجا ڀاءُ (منهنجي ماءُ جا پٽ) منهنجي ڏاڙهي ۽ مٿو ته ڇڏ مون انهن کي ان ڪري نه روڪيو ته متان تون چئين ته تو بني اسرائيل ۾ اختلاف پيدا ڇو ڪيا."

حضرت هارون عليه السلام جڏهن پنهنجي اصلاحي ڪوشش ۾ ناڪام ٿيو ته ان پنهنجي قوم جي عارضي گمراهيءَ کي برداشت ڪيو ته متان زياده سختي ڪرڻ جي ڪري قوم ٽڪرا ٽي وڃي (۽ دشمن جي مقابلي ۾ ڪمزور ٿي وڃي.)

هڪ پيغمبر نااتفاقيءَ ۽ جهڳڙي جي مقابلي ۾ قوم جو عارضي گمراهيءَ ۾ رهڻ وڌيڪ پسند ٿو ڪري ۽ حقيقت به اها آهي ته جيستائين قوم متفق هوندي آهي ايستائين تعليم وغيره پنهنجو اثر ڏيکاري عمدا نتيجا پيدا ڪندي آهي ۽ جڏهن نااتفاقيءَ جي ڪري قوم ٽڪرن ٽڪرن ۾ بدلجي ويندي آهي، ته پوءِ اها تباهه ۽ برباد ٿي ويندي آهي ۽ ڪنهن به طرح سان ڪامياب نه ٿيندي آهي.

هاڻي ڏسو ۽ اهو ظاهر ۽ پڌرو به آهي ته قرآن جي هڪ حصي جي اسان معنيٰ بدلائي ڇڏي ۽ هڪ حصي کي ڇڏي ڏنوسين ۽ هڪ حصي جي تعليم کي ڪهاڻين جو درجو ڏنوسين ته پوءِ جيڪڏهن قرآن اهي نتيجا پيدا نه ٿو ڪري، جيڪي پيدا ٿيڻ کپن ها يا جيڪي صحابن سڳورن جي زماني ۾ پيدا ٿي چڪا هئا ته ان ۾ ڪهڙي عجب جي ڳالهه آهي.

## قرآن جي تعليم کي ڪمزور ڪرڻ جي منظم سازش

هن موقعي تي مان ضروري ٿو سمجهان ته قرآن مجيد جي تعليم کي ڪمزور ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهن، انهن جي باري ۾ امام عبده مصري جا ويچار نقل ڪجن. علامہ موصوف پنهنجي ڪتاب ”اسلام ونصرانيت“ ۾ صفحي 113 تي مسلمانن جي اندر موجود مانارءِ ان جي ڪارڻن جي باري ۾ هيئن بحث ڪيو آهي:

”ان کان پوءِ هڪ خليفي سياسي غلطي ڪئي ۽ اسلامي احڪامن جي وسعت جي ڪري ڪيس ان ڳالهہ جو موقعو مليو ويو. جنهن کي هو پنهنجي خيال ۾ پاڻ لاءِ چڱو سمجهندو هو. ان جي سوچ هئي ته ڪٽي عربي لشڪر علوي خليفي جو مددگار نہ ٿي پوي، چاڪاڻ ته علوين جو نبيءَ جي گهراڻي سان ويجهو تعلق هيو. تنهن ڪري هن ترڪ ۽ ويلم وغيره جهڙن ڏارين ماڻهن جي فوج ٺاهي. انهيءَ فوج جي باري ۾ سندس خيال هيو ته انهن کي پنهنجي ڏاڍائيءَ سان فرمانبردار ۽ پنهنجي چڱاين ۽ احسانن سان مطيع ڪري سگهجي ٿو. اهي سلطنت جي باغين جي مدد نہ ڪندا ۽ بادشاهت جي طلبگارن جا ٻانهن ٻيلي نہ ٿيندا ۽ اسلام جي حڪمت جي ڪشادگيءَ ۽ سهولت انهيءَ ڳالهہ جو ان کي جواز مهيا ڪري ڏنوءِ اسلام ڦري عجمي ٿي پيو.

هڪ عباسي خليفي ارادو ڪيو ته هو پنهنجي ۽ پنهنجي پڳدارن جي لاءِ پلو ڪري وجي ۽ ايئن هن پنهنجي قوم ۽ مذهب جي لاءِ برو ڪيو. ڌارين جي فوج ۾ واڌارو ڪيائين ۽ لشڪر جا مک ماڻهو عجمي مقرر ٿيا. صبح کان اجان شام بہ ڪا نہ ٿي هئي جو اهي لشڪر جا مک سردار خليفن تي قابض ٿي ويا ۽ سلطنت خليفن جي هٿن مان نڪري عجمين جي قبضي ۾ اچي وئي. انهن کي اهو عقل نہ هيو جيڪو اسلام وٽان ملندو هيو ۽ نہ ڪو اها دل هين جيڪا مذهب سان مهذب ٿيل هجي. اهي ماڻهو جهالت ۽ اونداهيءَ ۾ ٻڏل هيا. اسلام ۾ داخل ٿيا پر اسلام کي ڪپڙن وانگي پنهنجي جسم تي ويڙهي ڇڏيائون، ان جو ڪو بہ اثر انهن جي وجدان تائين نہ پهتو هيو. انهن مان گهڻا ماڻهو پنهنجي معبودن ۽ بتن کي پاڻ سان گڏ ڪٺي آيا هيا، انهن جي اڪيلائيءَ ۾ پوڄا ڪندا هيا، ۽ ظاهر ۾ پنهنجو اقتدار وڌائڻ جي نيت سان باجماعت نمازون پڙهندا هيا. ان کان پوءِ تاتارين اسلام تي حملو ڪيو ۽ ڪن قبضو بہ ڪيو پر اهي سڀ حملا علم جي مٿان سخت ترين حملي جي مقابلي ۾ هيچ هيا، علم جيڪو ماڻهن کي سندن خوديءَ جي سڃاڻ ڪرائيندو آهي، انهن جي اٿڻ ويهڻ جي ڪوتاهين کي ظاهر ڪندو آهي.

انهن علم ۽ ان جي دولت اسلام تي حملو ڪيو. پنهنجي مددگارن جي جماعت تيار ڪيائون ته اهي عالمن جي جٿي ۾ شامل ٿي وڃن ۽ علم جو لباس پهري عالمن ۾ شمار ٿيڻ لڳن. ان کان پوءِ ماڻهن ۾ اهڙين ڳالهين کي هوا ڏنائون جن جي ڪري انهن کي علم کان نفرت ٿئي، ۽ علم جي گهٽگهرن کان انهن جي طبيعت ۾ ڪرپ پيدا ٿئي.



تقويٰ، پرهيزگاريءَ ۽ مذهبي اڳواٽيءَ جا دعويدار ٿي اهي ماڻهو غافل عوام ۾ وڃي پهتا ۽ دعويٰ ڪيائون ته مذهب ناقص هيو اسين ان کي مڪمل ڪرڻ ٿا چاهيون، يا اهو مريض هيو اسين ان جو علاج ٿا ڪيون يا ڍهي پوڻ وارو هيو اسين ان کي ڪلهو ڏيڻ آيا آهيون، يا جهڪي پيو هيو اسين انهيءَ کي سڌو ڪرڻ آيا آهيون.

انهن پنهنجي بت پرستيءَ جي زماني جي رسمن کي ڏنو. گڏوگڏ آسپاس جي ٻين قومن کي بہ ڏنوءِ اسلام جي لاءِ اهڙيون شيون اڏاري طور ورتيون جن کان هو بلڪل پاسيرو هيو. پر عام ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ ۾ انهن ايئن ڪاميابي حاصل ڪئي جو چيائون ته هي اسلامي شعارن جي تعظيم آهي ۽ انهن جي حڪمن جي وڏائي آهي.

انهن اسان جي لاءِ اهي سڀ ميلا ۽ محفلون ايجاد ڪيون، ولين ۽ بزرگن جون عبادتون اسان لاءِ مقرر ڪيائون، جنهن سان مسلمانن ۾ ڌڙابندي ٿي ۽ ماڻهو گمراهہ ٿيا. انهن چيو ته پوين کي اڳين بزرگن جي ڳالهين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ سوچڻ نہ گهرجي، ۽ ان ڳالهہ کي عقيدي ۾ شامل ڪري ڇڏيو ته جيئن سوچون رڪجي وڃن، عقل منجمد ٿي وڃي. ان کان پوءِ انهن پنهنجي ساٿين کي اسلامي ملڪن جي ڪنڊ ڪڙڇ ڏانهن روانو ڪيو ته هو اهڙن قصن ۽ خبرن ۽ اهڙين روايتن جي اشاعت ڪن جنهن سان عوام ۾ هي ويساهہ پيدا ٿئي ته انهن کي پبلڪ ڪاز جي باري ۾ سوچڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي.

جيڪي ڪم قوم ۽ سلطنت سان تعلق رکن ٿا انهن تي سوچڻ حڪمرانن جو ڪم آهي، ٻين ماڻهن کي انهن معاملن ۾ مداخلت جو ڪو بہ حق ناهي، جيڪو شخص انهن معاملن ۾ دخل ڏيندو اهو واهيات يا سرڪش آهي. مسلمانن جي عملن ۾ جيڪو فساد آهي ۽ انهن جون جيڪي درهم برهم حالتون آهن اهي حڪمرانن جي ڪمن جو نتيجو ناهن، بلڪ اهو انهن خبرن جو نتيجو آهي، جيڪي آخري زماني جي باري ۾ حديثن ۾ آيون آهن ته ڪنهن تدبير سان حال ۽ مستقبل جو سڌارو نہ ٿو ٿي سگهي. چڱو اهو آهي ته انهن ڳالهين کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏجي، مسلمانن تي صرف اهو فرض آهي ته رڳو پنهنجي انفرادي ذاتي حالت لاءِ سوچن. حديثن جي ڪجهہ ظاهر مطلبن ۽ ضعيف ۽ موضوع روايتن مان انهن کي تمام گهڻو مواد مليو. جن جي ذريعي انهن وهمن ڦهلائڻ ۾ انهن کي وڏي هٿي ملي. انهن گمراهہ ڪندڙن جو هڪ وڏو لشڪر مسلمانن ۾ ڦهلجي ويو. رهزن حڪمرانن ۽ والين هر پاسي کان انهن جي مدد ڪئي. ماڻهن جي هٿن کي ڪاروبار کان روڪڻ ۽ انهن جي ارادن کي پست ڪرڻ لاءِ انهن ۾ تقدير جو عقيدو ايجاد ڪيو ويو. انهن خرافات کي قبول ڪرڻ تي جنهن شيءِ ماڻهن کي آمادو ڪيو اها هئي انهن جي سادگي. مذهبي معاملن جي اندر سوچ سمجهہ جي کوٽ، خواهشن جي پوئلڳي ۽ اڻ ڄاڻائي. اهي اهڙيون شيون آهن جو جيڪڏهن گڏ ٿي ٿيون پون ته انتهائي خطرناڪ ۽ هلاڪت انگيز ٿي پونديون آهن. نيٺ ايئن حق باطل جي اونده ۾ ڍڪجي ويو ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اهڙا عقيدا جاءِ وٺڻ لڳا جيڪي هر طرح سان ديني اصولن جي ابتڙ ۽ صراط مستقيم جو ضد هيا. مسلمانن جون

www.sindhsalamat.com

آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ واريون اميدون غارت ٿي ويون، انهن کي مايوس ڪري حيوانن جي درجي تائين پهچايو ويو. هن وقت جنهن شيءِ جو نالو اسلام رکيو ٿو وڃي اهو اسلامي عملن نماز، روزي ۽ حج جي ظاهري صورتن جي مجموعي کان مٿي ڪجهه به ناهي.

ٿورڙيون چوٽيون آهن جن جي معنائن ۾ مٿا سٽا ڪئي وئي آهي ۽ انهن جو نتيجو اهي بدعتون ۽ بڇڙيون رسمون آهن، جن مسلمانن ۾ هن ماٺار جي نوبت پيدا ڪئي آهي، جنهن کي مون بيان ڪيو آهي، ان کي هنن اسلام سمجهيو آهي. مسلمانن تي هن وقت اسلام جي نالي سان جيڪو عيب لڳايو ٿو وڃي، ان جو اسلام سان ڪو به تعلق ڪونهي. اهو پيو ڪجهه آهي جنهن جو هنن اسلام نالو رکيو آهي. قرآن جنهن جو هي شان آهي ته باطل نه ان جي اڳيان بيهي سگهندو آهي نه ان جي پويان اچي سگهندو آهي، اهو حڪمت وارو ۽ واکاڻ جي لائق آهي، خدا جي طرفان لاٿل آهي، اهو هن ڳالهه جو شاهد آهي ته اهي ڪوڙا آهن، هن (قرآن) کان غافل آهن ۽ ان جي احڪامن کان گهڻو پوئتي پيل آهي.

## مذهب۔ مسلمانن جي ترقيءَ جو بنياد

اسان واري مذهب جي ته هيءَ حالت آهي جو اسان جي مذهبي تعليم کي زنگ لڳي ويو آهي! تنهن ڪري جيتري تائين اسان کي صحيح مذهبي تعليم نه ملندي ته اسين ڪيئن جيئرا رهي سگهنداسين؟ منهنجو عقيدو آهي ته مسلمانن جي پيڙهه جو پٿر مذهب آهي. مذهب کان بغير مسلمان ترقي نه ڪري سگهندو. چاڪاڻ ته حقيقي قومي ترقيءَ لاءِ جنهن ايثار ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي، ان جو بنياد صرف به شيون ٿي سگهن ٿيون ۽ دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته قومن جي ترقيءَ ۾ صرف انهن ٻن شين کان ڪم ورتو ويو آهي: هڪ مذهب، ٻيو وطن پرستي. مذهبي جذبي جي مقابلي ۾ وطن پرستيءَ جو جذبو مسلمانن ۾ گهڻو ڪمزور آهي. ان ڪري مسلمان صرف مذهب کان متاثر ٿي حقيقي ترقيءَ جي شاهراهه تي وکون کڻي سگهن ٿا.

نالي واري مؤرخ ۽ شاعر شبلي مرحوم پڻ ان مسئلي جي وضاحت ڪئي آهي:

تم کسی قوم کی تاریخ اٹھا کر دیکھو۔ دو ہی باتیں ہیں کہ جن پر ہے ترقی کا مدار
یا کوئی جذبہ دینی تھا جس نے دم میں۔ کر دیا ذرہ افسردہ کو ہم رنگ شرار
یا کوئی جذبہ ملک وطن تھا جس نے۔ کردیئے دم میں قوائے علمی بیدار

۽ تجربو به ان ڳالهه جو شاهد آهي ته اسان جي سموري قوم رڳو مذهبي جذبي کان متاثر ٿي پوري طرح ڪم ڪري سگهي ٿي. جڏهن ائين آهي ته پوءِ هيءَ ڳالهه پڌري آهي ته قومي ترقيءَ جي پروگرام ۾ سڀ کان اهم شيءِ صحيح مذهبي تعليم هجڻ گهرجي. جيڪڏهن صحيح مذهبي تعليم جو انتظام نه ٿيندو ته نه مسلمان پنهنجي وجود کي قائم رکي سگهندو ۽ نه ترقي ڪري سگهندو. ڇا اها افسوس جهڙي ڳالهه ڪانهي ته اڄ تائين اسان اهو به نه ڪري سگهيا آهيون جو پنهنجي قومي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ قرآن



شريف جي تعليم جو انتظام ڪيون ها.

قرآن جي تعليم مان منهنجي اها مراد هرگز ڪانهي ته بغير مطلب سمجهڻ جي قرآن شريف جا لفظ دهرايا وڃن. مسلمانن قرآن جي تعليم جو ڪڏهن به اهو مطلب نه سمجهيو آهي ۽ نه سمجهيو وڃي، ڪن سڳورن سان ان جو ذڪر ڪيوسين ته انهن چيو ته اسان جي شاگردن کي يونيورسٽيءَ جو نصاب فرصت نه ٿو ڏئي، مون کي پڻ ان ڳالهه جي خبر آهي پر جيترو وقت مشن اسڪولن ۽ ڪاليجن جا سوين مسلمان ۽ هندو شاگرد بائيبل لاءِ ڏين ٿا، ڇا ايترو وقت به قرآن جي تعليم لاءِ اسان جي قومي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد نه ٿا ڏئي سگهن.

مشن اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد بائيبل جي لاءِ گهڻو ڪري روزانو وقت ڏيڻ جي باوجود امتحانن ۾ نهايت گهٽ مارڪن سان پاس ٿين ٿا ۽ بائيبل ڪلاس جي ڪري انهن ۾ ڪا به شڪايت نه ٿي ٻڌڻ ۾ اچي. هڪڙا اسين آهيون جو پنهنجي ئي قومي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ قرآن جي تعليم جي لاءِ وقت نه ٿا ڪڍي سگهون! علي ڳڙهه جا ٿي شاگرد جيڪي منهنجا دوست آهن. اتفاق سان سينٽرل انڊيا جي هڪ مشن اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويا. جڏهن امتحان جو ٽائيم آيو ڪلاس بند ٿي ويا ته جيئن شاگرد امتحان لاءِ چڱيان تياري ڪري وٺن پر ان جي باوجود بائيبل ڪلاس روزانو هلندا هيا. خود پرنسپال صاحب پڙهائيندو هيو. هڪڙي ڏينهن اهي ٽئي ساٿي پرنسپال صاحب وٽ آيا ته هاڻي امتحان ويجهو آهي ٻيا سڀ ڪلاس بند آهن، رڳو بائيبل ڪلاس جي ڪري اسان کي اسڪول اچڻو ٿو پوي، مهرباني ڪري انهيءَ کي به ملتوي ڪيو ته جيئن اسين پوري طرح تياري ڪري سگهون. تنهن تي پرنسپال صاحب جواب ڏنو ”هي سڀ عورتون، توهان سڀ شاگرد، آءٌ ۽ سڀ پروفيسر صرف ئي صرف انهيءَ ڪلاس جي ڪري موجود آهيون، جيڪڏهن اهو ڪلاس نه هجي ها ته هي ڪاليج به نه هجي ها.“

جيڪڏهن اسين صرف ان هڪڙي واقعي جي تقليد ڪري سگهون تڏهن به گهڻو ڪجهه ڪري سگهون ٿا، پنهنجي شاگردن کي قرآن جي تعليم نه ڏيون ڪو نه ٿا ۽ وري ظلم اهو آهي ته انهن کان اها توقع به رکون ٿا ته انهن جي ذريعي قوم کي ترقي ملي، عروج حاصل ٿئي، هي ٿئي هو ٿئي، جيڪڏهن انهن ويچارن کان ڪجهه به نٿو ٿئي ته انهن تي تنقيد ڪئي وڃي. انتهائي ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي قومي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ته جلد کان جلد قرآن مجيد جي صحيح تعليم جو بندوبست ڪيو وڃي. قرآن مجيد جي تعليم جي انتظام ۾ سڀ کان اهم شيءِ اعليٰ ۽ عمدو پروفيسر تيار ڪرڻ آهي ۽ ان جي چونڊ ڪرڻي آهي. ان باري ۾ آگره ڪانفرنس 1913ع جي ليڪچر ۾ جيڪو ڪانفرنس جي رپورٽ ۾ شايع ٿي چڪو آهي، مان ڪافي بحث ڪري چڪو آهيان، جڏهن قرآن شريف جي تعليم جو انتظام ٿي وڃي ته پوءِ قومي ترقيءَ جو نالو وٺڻ جائز ٿيندو. خدا شل صحيح رستي تي هلڻ جي توفيق ڏي!

www.sindhsalamat.com